# پڙهائيءَ مطالعي ۾ دلچسپي، سرگرميءَ پختگي پيدا ڪرڻ جا نفسياتيءَ سائنسي طريقا

ليکڪ:
پروفيسر آرٿر ڊبليو ڪورنسار
سنڌيڪار:
پروفيسر زاهد علي مگسي
ڪمپوزنگ:
عبدالجبار شيخ

ڇپائيندڙ:
سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي

وائيس آف سنڌ اي بڪ پبلشر

www.voiceofsindh.net | voiceofsindh12@yahoo.com

Contact: 0332-3895458

# فهرست

پبلشر نوٽ
پڙهائي جا بنيادي مقصد
مؤثر پڙهائي جا بنيادي تصور
يڪسوئي پيدا ڪرڻ لاءِ چند تجويزون
پڙهڻ جو تسلسل ۽ نظام
بهتر پڙهائي ڪرڻ لاءِ چند مفيد طريقا
تفصيل سان پڙهڻ جي تربيت جي باري ۾
ٽڪڙو يا جلد پڙهڻ جي تربيت
پڙهائي ۾ ٿيبل ترقي جو رڪارڊ رکڻ
ڪلاس ۾ پڙهڻ جو طريقو
ياد ڪرڻ جي باري ۾
امتحان لاءِ رٽڻ جي باري ۾
حاصل ڪيل علم جي استعمال جي باري ۾
بهتر ۽ اثرائتي پڙهائي جي اصولن جو تت
سنڌيڪار جو تعارف

# پبلشر نوٽ

هڪ دور هو جو لکندڙن ۽ پڙهندڙن ۾ هر طرف ڏاهپ جي هٻڪار هئي. وري تعليم جو زور ٿيو ته علمن جو چوٻول ٿيو ۽ ڏاهپ ڏنڌلائي وئي. هينئر انفارميشن جو زور آهي ته علم ۽ آڳهيا پيا وڃن.

انفارميشن پنهنجي پورين جلوه گيرين سان زور تي آهي. شاگردن جو ان تي زور آهي. تاريخ فلسفو ۽ ٻيا انساني علم پڙهڻ ۽ ان ۾ رسوخ حاصل ڪرڻ جو رجحان ڪونهي. نتيجو هينئر وڃي هي بيٺو آهي جو انساني مسئلا جيئن پوءِ تيئن ڳنڀير ٿيندا پيا وڃن. امن آشتي انساني فلاح ۽ ذهني سڪون جي حوالي سان فڪرمندي ۽ اڻ تڻ وڌندي پئي وڃي. انهيءَ ڪري انسانيت وري علمن جي ترقي ۽ ڏاهپ جي طرف موٽندي، اهو اٽتر آهي. ڪتاب، علم ۽ ڏاهپ جو وڏو پيندار آهن. انهن جو مطالعو انسانن جي انهيءَ تقاضا کي ضرور پورو ڪري ٿو. پڙهائي ۽ مطالعي کي سمجهه ۽ اطمينان سان پڙهڻ به هڪ ٽيڪنڪ آهي. هي ڪتاب ٽيڪنڪ جي انهن اصولن کي چٽو ڪري ٿو.

بزنس سائيڪولاجي جي هڪ فاضل مصنف جو لکيل آهي ۽ محترم زاهد مگسي ان جي ترجمي ۾ پاڻ موڪيو آهي. اسان کي اميد آهي ته هي ڪتاب نه صرف اسان جي تعليمي ادارن ۾ پڙهندڙ شاگردن جي لاءِ لاڀائتو ثابت ٿيندو. بلڪ مطالعي ۽ تحقيق ڪندڙن جي لاءِ پڻ مطالعي جي اهم ڪنجي ثابت ٿيندو.

نور احمد ميمڻ

چيئرمين سنڌيڪا اڪيڊمي

# پڙهائي جا بنيادي مقصد

پڙهائي جا بنيادي طرح ٻه مقصد آهن:

هڪ ته ڪنهن به علم جي باري ۾ معلومات حاصل ڪئي وڃي ۽ ٻيو ته اهڙي صلاحيت حاصل ڪئي وڃي ته جيئن ڪو ڪم ڪري سگهجي. اسان تاريخ جو مطالعو ان ڪري ڪندا آهيون ته جيئن اسان کي گذريل تهذيبن جي باري ۾ خبر پوي. ٻئي طرف اهڙي صلاحيت حاصل ٿئي جو زندگيءَ ۾ ٿيندڙ ڪي خاص مسئلا حل ڪري سگهون. ٻنهي قسمن جي پڙهائي ۾ ظاهر آهي ته واضح فرق موجود آهي. علم اسان جي آئنده زندگيءَ ۾ اسان جي عمل ۽ سوچ جي رهنمائي ڪري ٿو ۽ عملي ڳالهين ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿو. ڪهڙو ڪم ڪهڙي طرح سرانجام ڏجي يا ڪجي. ان لاءِ ڪنهن به خاص علم جو حاصل ڪرڻ ضروري آهي ته اسان پنهنجي سوچ کي استعمال ۾ آڻيون. ٻيو اهو ته ڪهڙي ڳالهه تي ڪيئن عمل ڪجي. ان لاءِ ضروري آهي ته ڪن حقيقتن جي اسان کي ڄاڻ هجي. اهڙي طرح انهن ٻنهي ڳالهين ۾ واضح فرق موجود آهي ته ڪهڙو علم حاصل ڪيو وڃي ۽ ڪهڙي طرح اها صلاحيت پيدا ڪئي وڃي. جيئن حاصل ڪيل علم يا معلومات کي استعمال ڪندي ڪو عملي ڪم انجام ڏئي سگهجي.

وڌيڪ اهميت ظاهرآهي ته ان ڳالهه کي ڏبي ته ڪهڙي طرح سان پنهنجين صلاحيتن کي اجاگر ڪيو وڃي. تعليم اسان جي صلاحيتن ۾ اضافو ڪري ٿي ته اسان ڪم سان گڏ تفريح ۽ آرام پڻ ڪيون. ووٽ کي سمجهڻ سان گڏ ٻين کي سمجهڻ جي صلاحيت پيدا ڪيون، پڙهي ۽ سوچي سگهون. ڪاروبار جي تنظيم ڪري سگهون. ڪنهن مقدمي يا ڪيس جي پيروي ڪري سگهون ۽ اهڙي طرح ڪنهن بيماري جو علاج ڪري ان کي رفع ڪري سگهون. اهي سڀ ڪم عمل سان تعلق رکن ٿا. ڇا معلومات (علم ) حاصل ڪرڻ ڪو گهٽ اهم آهي؟ ائين هرگز نه آهي. صاف ۽ سٺي سوچ ۽ عمل جو بنياد هميشه اعليٰ علم تي منحصرآهي.

سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي ته مطالعي ڪرڻ جي صلاحيت کي ترقي وترائي وڃي. اهڙي صلاحيت پيدا ڪئي وڃي جو ذهني پورهئي کي استعمال ڪندي ڪنهن خاص مسئلي کي حل ڪيو وڃي (Intellectual labour)

ڪنهن مسئلي کي گهرائي سان سوچي سگهجي ۽ اهڙي طرح ڪنهن به مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ مناسب طريقي جو ڀرپور استعمال ڪيو وڃي.

ڪنهن بہ علم يا معلومات حاصل ڪرڻ ڪان وڌيڪ اها ڳالهہ آهي تہ بهتر ۽ اثرائتو مطالعو ڪهڙي طرح ڪيو وڃي؟ "مطالعو ڪيئن ڪجي؟" اها ڳالهہ سڪڻ ۽ ذهن نشين ڪرڻ وڏي اهميت رکي ٿي. جيڪڏهن ڪنهن بہ شخص ۾ پڙهڻ ۽ مطالعي ڪرڻ جي صلاحيت پيدا ٿي وئي تہ ائين چئبو تہ تعليم پنهنجي اصل مقصد ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي. جيڪڏهن ڪنهن بہ شاگرد ۾ مطالعي ڪرڻ جو فن نہ آهي تہ سندس حياتيءَ ۾ اهو هڪ وڏو خال آهي جنهن ڪي اسڪول ياڪاليج جي پڙهائي بہ پُر نہ ڪري سگهي آهي.

پڙهائي صرف اها نہ آهي جيڪا ڪتابن مان حاصل ٿئي؟ ڪلاس ۾ ملي ليڪن ان سان گڏ ان عمل ۾ اسان جيڪي ڪجهہ پنهنجي مشاهدي مان پرايون ۽ حقيقي عمل سان سکون ٿا اهو بہ ان ۾ شامل آهي سوچڻ، مشاهدو ڪرڻ،خيال آرائي، چيد ۽ تنظيم ڪرڻ سان گڏوگڏ ذهني سجاڳي بہ پڙهائي جي دائري ۾ شامل آهي. وڏي نظرسان ڏسبو تہ تحقيق ۽ حقيقتن جي ڳولا بہ مطالعي جا اهم عنصر آهن. مطالعي سان اسان پنهنجي عقل ۽ فهم کي استعمال ڪندي پنهنجي آسپاس جي دنيا کي سمجهڻ ۽ ان کي ضابطي ۾ رکڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. اها حقيقت آهي تہ پڙهڻ ۽ مطالعي ڪرڻ سان اسان اهو سکون ٿا تہ ڪيئن سوچجي ۽ ڪهڙي طرح پرپور زندگي گذارجي.

ڪاليج ۽ اسڪول ۾ پڙهائي گهڻو ڪري نصابي ڪتابن ۽ استادن جي تقرين (ليڪچرز )جي ذريعي ملندي آهي. اها ڳالهہ ان ڪري بہ ضروري آهي جو اسان کي استادن جي مدد سان ڪتابن مان علم جا پندار ۽ نون فڪرن جا ڍير ملن ٿا. ٻي صورت ۾ علم جو حاصل ڪرڻ ناممڪن نہ تہ بہ مشڪل ضرور ٿيو پوي. هر هڪ طالب علم لاءِ اهو ضروري آهي تہ هو جيڪو ڪجهہ ڪتابن مان پرائي تہ پنهنجي روزمرهہ جي زندگي ۾ان جو استعمال ڪري. ڪنهن بہ مضمون جو مطالعو اسان کي ان باري ۾ نيون معنائون ۽ نئين معلومات فراهم ڪري ٿو تہ جيئن اسان (ان باري ۾ ) پنهنجو مشاهدو وسيع ۽ عمل تيز ڪري سگهون. حقيقي زندگي مان حاصل ٿيندڙ معلومات جو ڪو مَٽ يا ثاني نہ آهي. پوءِ چاهي صنعت يا ڪاروباري هجي. اسپتال ۽ تجربيگاهن ۾ ٿيندڙ تجربا هجن، سياست، مذهب يا رانديون وغيره ئي ڇو نہ هجن. پر اهو ياد رکڻ گهرجي تہ اسڪول يا ڪاليج مان جيڪو ڪتابي علم حاصل ٿئي ٿو اهو بهرحال هر حال ۽ هر صورت ۾ تمام اهم ۽ اٽل آهي.

تحقيق ۽ تجربن اهو ثابت ڪيو آهي تہ طالب علم پنهنجي مطالعي ۽ پڙهائيءَ کي موثر ڪري سگهي ٿو. اهوتڏهن ٿي سگهي ٿو تہ جڏهن اسان جو واسطو "سنائي" سان هجي. پڙهون، پڙون، سوچيون ۽ مشاهدو ڪيون.

مطالعي يا ”پڙهائي“ ۾ مناسب طريقن جو استعمال بہ لازمي آهي. ايندڙ صفحن ۾ اسان چند تجويزون ۽ مشورا شامل ڪيا آهن جن سان ڪتابن ۽ ڪلاس روم مان حاصل ٿيندڙ معلومات ڪي پڙهڻ ۽ مطالعي جي قوت ڪي وڌائي سگهجي .

جيئن زندگي جي ٻين شعبن ۾هوندو آهي تيئن پڙهائي بہ صرف خواهش ۽ سڌ ڪرڻ سان نہ ٿي ڪري سگهجي. خواهش ۽ سڌ کي عملي صورت تڏهن ڏئي سگجهي ٿي جڏهن اسان ان لاءِ سخت قسم جي ڪوشش ۽ محنت کان ڪم وٺون. پڙهڻ ۾ ٻين ڪمن وانگر ”عمل“ ئي پختگي پيدا ڪندو آهي. هر طالب علم کي پاڻ سوچڻ گهرجي تہ هو مضمون ۾ ڪٿي ڪمزوري پيو محسوس ڪري. ان جي ختم ڪرڻ لاءِ ڪهڙا طريقا ٿي سگهن ٿا. عمل تي ٻڌل ۽ سوچيل تجويزن تي وري وري عمل ڪرڻ سان ئي طالب علم کي فائدو رسي سگهي ٿو.

بهتر پڙهائي جو مطلب آهي اسڪول ۽ ڪاليج ۾ ڪتاب پڙهڻ ۽ ليڪچر ٻڌڻ تنهنڪري هن ڪتاب ۾ ٻڌايل ۽ ڏنل مواد انهن شاگردن لاءِ آهي جيڪي واقعي صدق دل سان پڙه گهرن ٿا۔ ۽ جيڪو پنهنجي پڙهائي جا طريقا بهتر ڪرڻ ٿو چاهي ان لاءِ ڪو بہ ٻڌايل طريقو ڪارگر ثابت ٿي نہ ٿو سگهي (نوٽ:اهو طالب علم پنهنجو پاڻ کان پڇي سگهي ٿو تہ هو چاڪاڻ پنهنجي زندگي جا ڏينهن اسڪول ۽ ڪاليج ۾ وڃائي رهيو آهي. پر جيڪو طالب علم ايمانداري سان سمجهي ٿو تہ هو ذهني ڪاوش ڪرڻ چاهي ٿو تہ اهڙي شاگرد جي اصل جاءِ اسڪول ۽ ڪاليج آهن. اهڙي ئي طالب علم لاءِ هن ڪتاب ۾ ڪي مناسب تجويزون ڏنيون ويون آهن جن تي عمل ڪري هو پنهنجي اصلاح ڪري سگهي ٿو.

II

# مؤثر پڙهائيءَ جا بنيادي عنصر

ڪيئن ۽ ڪهڙي طرح پڙهجي. ڪهڙي طرح نوٽس وٺجن، مسئلن کي ڪهڙي طرح حل ڪجي. پاڻ پڙهڻ جي عادت ڪيئن وجهجي؟ اهي سڀ مسئلا ثانوي حيثيت جا آهن. انهيءَ سلسلي ۾ صرف هڪ بنيادي ۽ ضروري ڳالهه جيڪا مڙني قسمن جي قاعدن ۽ قانونن کان وڌيڪ اهم آهي، انهيءَ کان سواءِ هر قسم جو سازگار ماحول به ڪا اهميت نه ٿو رکي ۽ ان جي هوندي قاعدن ۽ قانونن جي بيخبري باوجود به پڙهائي جا سٺا نتيجا ملي سگهن ٿا ۽ اها بنيادي ڳالهه آهي اڳتي وڌڻ جي تمنا، شديد قسم جي خواهش ته ڪجهه حاصل ڪجي ڪجهه پرائجي، علم ۽ علمي ڳالهين ۾ دلچسپي ۽ علمي ۽ ذهني ڪم ڪرڻ جو محڪم ارادو جيڪڏهن توهان اهو سکڻ چاهيو ٿا ته ڪيئن پڙهجي ته پوءِ ان باري ۾ ضروري اهو آهي ته پاڻ کي محسوس ڪرايو ته توهان کي ڪتابن تي عبور حاصل ڪرڻو آهي ۽ ڪتابن ۾ لڪيل ڳالهين کي سيني ۾ سانڍڻو آهي ۽ ان بعد ئي ٻيون ڳالهيون اچن ٿيون.

هاڻي سوال آهي ته اهو جذبو ڪهڙي طرح جاڳائي سگهجي ٿو؟ سڀ کان پهرين ته پنهنجي خواهش جي منزل جو تعين ڪيو وڃي جنهن ڏانهن ئي توهان کي وڌڻو آهي. جنهن کي حاصل ڪرڻ ۽ ان تائين رسائي حاصل ڪرڻ ئي توهان جي پڙهائي سان گڏ زندگي جو مقصد هجڻ گهرجي. پنهنجي ڪچي ڪم جي ڪري (۽ واقعي سر) خراب نتيجن جي ذميواري قبول ڪرڻ لازمي آهي ۽ ان سان گڏوگڏ اها اميد به اوس رکڻ گهرجي ته سٺي ڪم ۽ محنت جو اجورو مٺي ڦل جي صورت ۾ ضرور ملندو

توهان جو ذهن ناڪامياين کي برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ۽ ڪاميابين مان تسڪين حاصل ڪرڻ جي قابل هجي. ڪيترن ئي طالب علمن جي اها عادت هوندي آهي ته پڙهڻ جي معاملي ۾ تمام لاغرض هوندا آهن ۽ صرف پاس ٿيڻ ئي سندن نقطهِ نظر هوندو آهي. اهڙن شاگردن ۾ ٿوري ڪوشش سان مستقبل روشن ڪرڻ جي دلچسپي پيدا ڪري سگهجي ٿي. آتم ڪهاڻين ۽ ڪنهن شخص جي زندگي جو احوال پڙهڻ سان اهڙي دلچسپي پيداڪري سگهجي ٿي. جو زندگي بابت جيڪڏهن پاڻ رٿا بندي ڪجي ته ان کان بهتر ڪو ٻيو ڪم نه آهي. توهان پنهنجو پاڻ کان اهو سوال پڇو ته آخر توهان اسڪول يا ڪاليج ۾ ڪهڙي مقصد لاءِ آيا آهيو ۽ توهان جي منزل ڇا آهي؟ پنهنجي ذات ۽ جيڪي شيون يا ڳالهيون توهان جي مطالعي ۾ اچن ٿيون انهن ڏانهن ٿورو ڌيان ڏيڻ بهترين پڙهائي جو پيش خيمو ثابت ٿي سگهي ٿو.

ڪنهن بہ مضمون جي سني پڙهائي تڏهن ٿي سگهي ٿي جڏهن ان مضمون ۾ دلچسپي هجي. مٿي جيڪي خارجي عنصر مثال طور نوٽس لکڻ، پاڻ ۾ پڙهائي جي عادت وجهڻ وغيره ٻڌايا ويا آهن سي ناڪافي آهن. ان سان گڏوگڏ پنهنجي مضمون ۾ ان ۾ موجود مسئلن ۾ دلچسپي تڏهن پيدا ٿيندي جڏهن ان مضمون کي سندس واسطي پڙهيو وڃي. هيٺ چار قاعدا ڏجن ٿا جن تي عمل ڪري پنهنجي مضمون ۾ دلچسپي پيدا ڪري سگهجي ٿي.

## (1) مضمون جي باري ۾ معلومات حاصل ڪرڻ:

توهان ڪنهن بہ ڳالهہ ۾ دلچسپي تڏهن وٺي سگهندو جڏهن توهان کي ان بابت ڪجهہ خبر هجي مثال طور توهان ڪرڪيٽ جا پروفيشنل رانديگرتڏهن ٿي سگهندو جڏهن توهان کي ان راند جي باري ۾ خبر هجي. رانديگرن جي حياتيءَ سندن ڪارنامن جو مطالعو هجڻ بہ ضروري آهي نہ صرف ايترو بلڪ راند جا جيڪي فني نُڪتا آهن انهن جي گهڻي ۾ گهڻي ڄاڻ جو هجڻ بہ توهان لاءِ لازمي آهي. راند جي باري ۾ جيتري گهڻي معلومات توهانکي هوندي اوترو توهان جي دلچسپي راند جي باري ۾ وڌندي. اهڙي طرح زندگيءَ جي ٻين شعبن ۾ بہ ساڳيو اصول ڪارفرما آهي. توهان جي اسڪول ۽ ڪاليج جي مضمون سان اهوئي اصول لاڳو آهي. توهان کي ڪنهن خاص مضمون ۾ جيڪا دلچسپي آهي ان کي ترقي وٺرائڻ ئي اصل مسئلو آهي.

## ( 2 ) نئين حاصل ڪيل معلومات کي پراڻي علم سان ملائڻ:

توهان جيڪا نئين معلومات حاصل ڪئي آهي ان کي پنهنجي پراڻي يا اڳ حاصل ڪيل علم سان ڳنڍيو ۽ ان ميلاپ مان نوان نتيجا حاصل ڪيو. پراڻين تاريخي حقيقتن کي پنهنجي زماني ۾ ٿيندڙ واقعن سان ملائيندو تہ توهان کي هڪ نئين روشني ملندي. ائين حقيقتن کان توهان آگاهہ ٿيندو.

## (3) مضمون ۾ گھري دلچسپي وٺڻ:

ڪتاب ۾ ڏنل معلومات يا استاد طرفان ٻڌايل نُڪتن جي باري ۾ پنھنجي ذھن ۾ نوان نوان سوال اٿاريو. ايندڙ سوالن جي باري ۾ پھرين اڳڪٿي ڪئي وڃي تہ اُھي ڪھڙي قسم جا ٿي سگھن ٿا. انھن جا ممڪن جواب پنھنجي ذھن ۾ سوچجن. انھن سوالن ۽ جوابن جي باري ۾ توھان کي گھرجي تہ اھي لکو، سوچيو، ڳالھايو ۽ انھن جي باري ۾ پنھنجن دوستن، سياڻن ۽ ھم ڪلاسي شاگردن سان خيالن جي ڏي وٺ ڪيو. جيڪي مشڪل ۽ ڏکيا سوال ۽ نُڪتا ھجن انھن تي پنھنجن دوستن سان تبصرو ڪيو ۽ سندن خيال معلوم ڪيو. اھڙي قسم جي خيالن جي ڏي وٺ مان پيدا ٿيندڙ نتيجن جي باري ۾ سوچيو ۽ انھن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو.

توھان جو پڙھائيءَ جي باري ۾ اھم فرض اھو آھي تہ ان باري ۾ شوق ڏيکاريو. جڏھن ائين ٿيندو تہ پوءِ اھو ڪم ”ڪم“ نہ رھندو ۽ پڙھڻ پوءِ توھان لاءِ حقيقي لطف ۽ تسڪين جو باعث ٿيندو. جيڪڏھن توھان انھن ڳالھين تي عمل ڪندو تہ پوءِ توھان جو پڙھڻ ڏيان سان ٿيندو ۽ ھن سڄي عمل ۾ توھان کي پاڻ تي جبر ڪرڻو پوندو. توھان کي ائين محسوس ٿيندو تہ ڄڻ توھان ڪا فلم ڏسي رھيا ھجو يا ڪو ناول پڙھي رھيا آھيو. جيترو پڙھائي ۾ پاڻ کي جذب ڪندو اوترو بھتر اھڙي طرح پڙھڻ وقت پنھنجو ڌيان پڙھائي ۾ مرڪوز رکو.

ڪيترن قسمن جا مضمون لازمي طرح توھان مان ڪيترن لاءِ ڪا دلچسپي نہ رکندا ھوندا ۽ لازمي طرح اھڙي قسم جا مضمون توھان کي پنھنجي تعليمي زندگي جي ھر موڙ تي ملندا. ھن سلسلي ۾ ھيءَ ڳالھہ ياد رکڻ گھرجي تہ ھر ھڪ شاگرد کي ھر مضمون جا ڪي خاص خاص نُڪتا ضروري ياد ڪرڻ گھرجن، سمجھڻ گھرجن پوءِ چاھي اھو مضمون ڪيس پسند ھجي يا نہ. انڪري ھر طالب علم کي اھا ڳالھہ تہ ھو جيڪو بہ مضمون ڪٽي ٿو تہ ان جي ضرورتن ۽ پابندين تي غور ڪري. اھڙي طرح پھرين ان مضمون کي سمجھي ۽ ان کان بعد ئي ان جو انتخاب ڪري. ان سمجھڻ کان پوءِ ھن کي گھرجي تہ پنھنجي پورين صلاحيتن کي استعمال ڪندي ڪامياب ٿيڻ جي ڪوشش ڪري.

ڪيترا شاگرد تمام گھڻي شوق ۽ چاھہ جو مظاھرو ڪندي ڪنھن خاص مضمون جو انتخاب ڪندا آھن. ڪين پنھنجي ڪاميابيءَ جي گھڻي اميد ھوندي آھي. ليڪن پوءِ اڳتي ھلي سندن شوق ختم ٿي ويندو آھي. اھڙي طرح سندن حياتي جو ھڪ بھترين دور ضايع ٿي ويندو آھي. ھتي ڪجھہ اھم نُڪتا بيان ڪجن ٿا. جن تي عمل سان ھو خواب کي حقيقت ۾ بدلائي سگھن ٿا ۽ نُڪتا قاعدي طور استعمال ڪري سگھن ٿا.

## (1)ڏنل مهم کي سَر ڪرڻ جي بي انتها خواهش جو هجڻ:

توهان تي اهو واضح هجي تہ موجوده پڙهائي (تعليم ) ۽ آئنده پڙهائي ۾ ڇا فرق ۽ ناتو آهي. توهان جي خواهش ۽ مقصد ۾ ڇا فرق آهي. اها ڳالهہ سوچ جي لائق آهي تہ توهان جي ڪاميابي ۽ ناڪامي توهان جي مستقبل تي ڪهڙو اثر وجهندي ۽ توهان جو پنهنجو رويو اهڙي صورت ۾ ڇا هوندو توهان جي ڪاميابي ۽ ناڪامي جي صورت ۾ انهن ماڻهن جو رويو ۽ جذبا ڪهڙا هوندا جيڪي توهان ۾ ۽ توهان جي مستقبل ۾ دلچسپي رکن ٿا. اهڙي طرح پڙهائي ڪرڻ لاءِ ڪيترائي سبب پيدا ڪري سگهجن ٿا انهن جو ڀرپور استعمال ڪيو وڃي.

## (2) پنهنجي مهم يا ڪم کي يقيني بنائڻ:

توهان کي اهو فيصلو هڪدم ڪرڻ گهرجي تہ توهان کي هن وقت ڇا ڪرڻو يا پڙهڻو آهي. جيڪڏهن مضمون وڏو آهي تہ ان کي مختلف حصن ۾ ورهايو. پهرين حصي ۾ جهڙي بہ نوعيت جو ڪم هجي ان کي سرانجام ڏيڻ لاءِ ڀرپور ڌيان ڏيو. مهم جي هڪ حصي کي پوري ڌيان سان سرانجام ڏنو وڃي تہ اهو وڌيڪ بهتر آهي.

## (3)ڪم جو آغاز ڪرڻ:

هر قيمت ۽ هر حال ۾ ڪم جو آغاز ڪيو. خيالي ۽ حقيقي مشڪلاتن کان پاڻ کي پري رکو ۽ اهڙي طرح پڙهائي ڪرڻ وقت ٻين ڪمن کان پاسو ڪيو. هر ڳالهہ وساري ڇڏيو. صرف پڙهائي تي ڌيان ڏيو. هڪ دفعو توهان پڙهڻ شروع ڪيو تہ پوءِ يقين ڪريو تہ مضمون جي باري ۾ توهان جي دلچسپي ۾ واڌارو ٿيندو ويندو. اهو وقت جلد ايندو جو توهان بنا ڪنهن خبر جي ان مضمون جي پڙهائي ڪري سگهندو.

## (4)جاءِ ۽ هنڌ جي ڳولا ڪرڻ:

ڪنهن مناسب هنڌ يا جڳهہ تي ويهي پڙهائي جو آغاز ڪيو. ڪتاب، قلم ۽ ڪاغذ جو استعمال شروع ڪري ڏيو. مختصر اهو تہ پنهنجي ڪم جو آغاز ڪيو.

## (5)ذهني انتشار کان بچڻ:

هيءَ ڳالهہ هميشہ ياد رکڻ گهرجي تہ ذهني پڙهائي لاءِ سخت نقصانڪار آهي. ڌيان ۽ خيال سان صرف هڪ ڪلاڪ جي پڙهائي ڏهن ڪلاڪن جي برابر آهي. ليڪن شرط صرف اهو آهي تہ جڏهن پڙهڻ ويهو تہ ان لاءِ ذهني طور پورا تيار ٿيل هجو. تنهن بعد پوري ڌيان کي

مرڪوز رکو. جڏهن ٻه خيال انهيءَ مرڪز ڪان هٽڻ لڳي ته انهن تي پوري قوت سان ضابطو ڪري ڪين وري ساڳي مرڪز تي آڻيو. پنهنجي پڙهائي ۾ شوق ۽ ان شوق جي تڪميل لاءِ موافق حالتون پيدا ڪري. هي ٻئي ڳالهيون ڪاميابيءَ جون ڪنجيون آهن. خيالات جو ڦرڻ گهرڻ ڏيکاري ٿو ته توهان جيڪو مضمون پڙهي رهيا آهيو ان جي ٻولي يعني الفاظ ۽ انهن جي بيهڪ يعني جملا وغيره توهان جي سمجهه ۾ نٿا اچن وري وري توهان جي پيڙهه يعني مضمون جي گذريل پڙهائي ڪمزور آهي. جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ پڙهائي تي اجا وڌيڪ ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي جيئن پيڙهه مضبوط ٿي سگهي.

## (6)ذاتي مشڪلاتن ۽ مسئلن کي حل ڪرڻ ۽ پڙهڻ لاءِ مناسب طريقو اختيار ڪرڻ:

ذاتي مشڪلاتون ۽ مسئلا نه صرف پڙهائي ۾ پر زندگي جي ٻين ڪمن ۾ پڻ رڪاوٽ جو سبب هوندا آهن. اهڙن مسئلن جهڙوڪ ڪاميابي ۾ ٿڪ ۽ گهٽي ڪم سبب صحت جي خراب ٿيڻ جو خوف، محبت جي ڪاميابي جو فڪر ۽ انهن سان گڏ سماج ۾ گهٽ حيثيت جو احساس ياپنهنجي ڪٽنب جي ڪرندڙ مالي حالت جي ڳڻتي ۽ ڪيترين ٻين حالتن جو خوف وغيره اهڙا مسئلا آهن جن جو حل ڳولڻ انتهائي ڏکيو ٿي پوندو آهي ليڪن انهن مسئلن هوندي به ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته ڪيترائي نوجوان اهڙين مشڪلاتن مان لنگهي وڃي پار پوندا آهن يا انهن لاءِ اهڙا مسئلا حل ڪرڻ ڪا وڏي ڳالهه نه هوندي آهي. ڪيترا اهڙا طالب علم به هوندا آهن جن لاءِ ذاتي مشڪلاتون ۽ تڪليفون حل ڪرڻ بهر حال هڪ ڏکيو مسئلو هوندو آهي. اهڙن طالب علمن لاءِ ڪجهه تجويزون آهن جيڪي هيٺ ڏجن ٿيون.

(الف ): توهان مسئلي جو هر طرح جائزو وٺو ۽ ڏسو ته توهان کي مشڪلات ڪٿي ٿي پيش اچي. اهڙين مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ جي لاءِ ڪٿي ۽ ڪهڙي تبديليءَ جي ضرورت آهي. اهو ياد رکڻ گهرجي ته ڪڏهن ڪڏهن حالتون ته بدلجي نه سگهنديون آهن تنهنڪري اهڙي حالت ۾ مقصد يا خواهش ۾ ڦيرو آڻڻو پوندو آهي. اهم ڳالهه بهرحال اها آهي ته ڇا ڪرڻ گهرجي؟ ان باري ۾ ئي فيصلو ڪرڻو آهي. جڏهن ڪوبه مناسب حل نظر نه ايندو آهي ته به بهر حال ان جو ڪونه ڪو حل موجود هوندو آهي. جيڪو اسانکي ان وقت نظر نه ايندو آهي پنهنجي عمل جي رٿابندي ۽ ان لاءِ پروگرام ناهڻ ان تي ڪهڙي طرح ۽ ڪڏهن عمل ڪرڻو آهي. اهڙي فيصلي ڪرڻ بعد پنهنجي رٿيل پروگرام موجب عمل شروع ڪريو.

مٿي ڄاڻايل تجويز تي بهتر نموني توهان ان وقت عمل ڪري سگهندو جڏهن توهان پنهنجو مسئلو پنهنجي ڪنهن هڏڏوڪي پر ٿوري وڏي عمر واري کي ٻڌايو. ان باري ۾

پنهنجون تجويزون سندس سامهون رکو اهو وڏو توهان جو دوست هجي يا گهر جو ڀاتي اسڪول يا ڪاليج جو استاد يا نفسيات جو ماهر ڪير به هجي پر هجي اهڙو جنهن ۾ توهان اعتماد ڪندا آهيو ته هو پڪ سان توهان لاءِ مددگار ثابت ٿيندو ۽ توهان سولائي سان مشڪلات ڪي منهن ڏئي سگهندو.

(ب ): خوشفهمي ڪان هميشه پاسو ڪيو. پاڻ ڪي دوکو نه ڏيو ته ڪو توهان مسئلو حل ڪري ورتو آهي يا اهو سوچيو ته مشڪلات دور ٿي وئي آهي. بلڪل نه! هرگز نه! خانداني ذاتي يا سماجي مشڪلات ڪان گهٻرائجي متان ڪتي پاڻ ڪي گمراهي جي اوڙاهه ۾ اڇلايو؟ ائين سمجهو ته ”منهنجي لاءِ پڙهڻ ڪو خاص اهم نه آهي“ خدارا ان سحر ڪان پاڻ ڪي بچايو.

III

# يڪسوئي پيدا ڪرڻ لاءِ چند تجويزون

بهتر ۽ اعليٰ پڙهائي ڌيان ۽ خيال جي مرڪوز هجڻ سان ئي ممڪن آهي. توجهه جي مرڪوز هئڻ لاءِ هر شخص جو ماحول ۽ جسماني تندرستي اهم شرط آهن. پنهنجي پڙهائي ۾ پاڻ کي جذب ڪرڻ جو مطلب اهو آهي ته پاڻ کي ٻين ڪمن کان پري رکجي ۽ پنهنجن خيالن کي ڀٽڪڻ نه ڏنو وڃي. عام طور خيالن جي ڀٽڪڻ لاءِ ماحول جو وڳوڙ (جهڙوڪ تيز روشني، مٽي جو سور وغيره ) جوابدار هوندا آهن. غير متعلق خيالن جي ڪري به توجه هٽي ويندو آهي. بهترين پڙهائي جو مقصد تڏهن حاصل ٿيندو آهي جڏهن انهن مشڪلاتن کي ڪاميابي سان منهن ڏيو ۽ پڙهائي تي پنهنجو توجه مرڪوز ڪيو.

بي توجهي جي انهن سڀني کي منهن ڏيڻ جو بهترين طريقو اهو آهي ته انهن کي نظر انداز ڪيو وڃي. جيڪي شاگرد پنهنجي پڙهائي تي توجه ڏيڻ چاهين ٿا انهن کي گهرجي ته هو انهن مشڪلاتن کي ڪابه اهميت نه ڏين. جيسيتائين مشڪلاتن جو تعلق آهي ته انهن کي منهن ڏيڻ جو بهترين نسخو اهو آهي ته توهان پڙهڻ لاءِ اهڙي جڳهه جو انتخاب ڪيو جيڪا گوڙ گهمسان، ماڻهن جي اچ وڃ تيز روشني، تکن رنگن ۽ اهڙين ٻين قسمن جي ڳالهين کان پاڪ هجي. جيسيتائين جسماني تڪليفن جو تعلق آهي ته ان لاءِ ايترو چوڻ ڪافي آهي ته گهٽي ۽ غير ضروري ٿڪاوٽ کان پاڻ کي محفوظ رکڻ گهرجي. پنهنجي صحت جو خيال رکجي. اهو تڏهن ممڪن آهي جڏهن توهان پنهنجي هاضمي کي زيربار نه ڪندو. نظر کي اجائي بار کان بچايو. روشنيءَ جي مناسب انتظام سان گڏوگڏ خراب هوا ۽ گندگيءَ جي نيڪال جو سنو انتظام لازمي شرط آهي.

سنو ۽ صاف ماحول پڙهائي لاءِ لازمي شرط آهي اهڙي قسم جي ماحول لاءِ هيٺ ڀڌايل ڳالهين تي عمل ڪيو وڃي.

## (1) ڪنهن خاموش ڪمري ۾ پڙهائي ڪجي:

هن قسم جو ڪمرو اهڙي جاءِ هجي جتي گوڙ وغيره نه هجي.

## (2) پڙهڻ واري ڪمري ۾ روشني، اُس وغيره جو مناسب انتظام اشد ضروري آهي:

روشني جو انتظام سڀ کان وڌيڪ اهم آهي. روشني ايتري تيز نہ هجي جو نظر تي خراب اثر ڪري. ليڪن ايتري ضرور هجي جو توهان ڏسي ۽ پڙهي سگهو. ڪتاب جي روشني پنن مان نڪرندڙ روشني کان پاڻ کي بچايو. ڪمري ۾ سخت گرمي ۽ سخت سرديءَ کان بچڻ جو انتظام بهر حال ضروري آهي. گندي هوا جو نيڪال پڻ ضروري آهي ليڪن ايترو بہ نہ جو ڪمرو خشڪ ٿي وڃي.

## (3) پڙهڻ واري ڪرسي ۽ ميز کي اهڙي طرح ترتيب ڏيو جو توهان کي ٿڪاوٽ جو احساس نہ ٿئي:

پنهنجي ويهڪ هر هر بدلايو. آرام سان ضرور ويهو پر گهٽي آرام کان پاسو ڪيو. توهان جيڪڏهن اهو چاهيو تہ توهان ڪنهن آرام ڪرسي يا نرم ڪوچ تي ويهي پڙهو تہ اهو مناسب نہ آهي.

## (4) پنهنجي جسماني صحت کي درست رکو:

جڏهن توهان پنهنجي جسم ۾ ڪنهن بہ بيماري جي نشاني ڏسو يا محسوس ڪيو تہ هڪدم ڊاڪٽر سان مشورو ڪيو. ڪيس ڏيکارڻ ۾ ڪو عار نہ ڪيو. کاڌي ۾ هميشہ احتياط ڪيو. وقت سان کاڌي کائڻ ۾ تڪڙ نہ ڪرڻ کپي ۽ هميشہ آهستي کائجي. ڪوشش ڪري پنهنجي گهر جي ڀاتين يا دوستن سان گڏجي کاڌو کائو. ائين ڪرڻ سان توهان کي خوشي ٿيندي. کائڻ وقت بار محسوس نہ ڪيو بلڪ ان کي تفريح جو موقعو سمجهو. منجهند جو ٿورو ۽ هلڪو کائو. کاڌي کائڻ کان پوءِ هڪدم پڙهائي شروع نہ ڪيو. کاڌي کان پوءِ ڪجهہ دير آرام ڪيو تہ جيئن توهان تازه دم ٿي سگهو. کاڌي کان پوءِ آرام ڪرڻ ضروري آهي. پوءِ چاهي توهان کي ڪو ڪم پڻ چو نہ جڏٿو پوي. انهيءَ ڪري جو هيءَ ڳالهہ توهان لاءِ فائديمند آهي. مڪمل آرام ڪرڻ ڪانپوءِ توهان ننڊ جو بار محسوس نہ ڪندو ۽ پڙهائي بهتر ڪري سگهندو. رات جو پڙهائي ڪانپوءِ جيڪڏهن توهان کي ننڊ نہ اچي تہ ان لاءِ ضروري آهي تہ پڙهائي تان ٿورو ڌيان هٽايو ۽ پاڻ کي ننڊ کان اڳ ۾ تازو Relax ڪيو. اهڙي تازگي حاصل ڪرڻ لاءِ توهان هلڪي پڙهائي ڪيو. مثلن ڪو ناول يا ڏينهن جي اخبار يا ڪو ڪل چرچي جو ڪتاب پڙهڻ گهرجي. غسل ڪرڻ، ٿورو پنڌ ڪرڻ، ڪنهن سان گفتگو ڪرڻ، ڪنهن عزيز يا دوست کي خط لکڻ پنهنجي ڌرمي يا مذهبي عبادت ڪرڻ سان پڻ اهو مقصد حاصل ٿي سگهي ٿو. تنهن بعد مني ننڊ جو لطف حاصل ڪري سگهجي ٿو. اجان بہ توهان کي ننڊ نہ اچي تہ ڊاڪٽر سان مشورو ڪيو. ڪوشش ڪري ورزش يا تفريح لاءِ بهرحال وقت ڪڍو ڇاڪاڻ تہ ورزش جهڙي ڪا ٻي شيءِ نہ آهي. ماڻهو هر قسم جي فڪر کان آزاد ٿي نہ ٿو سگهي. ان ڪري شاگرد کي

گھرجي تہ مسئلن جو فڪر نہ ڪري ۽ مسئلن جي هوندي بہ پنهنجي پڙهائي تي ڌيان ڏئي. مشڪلاتون تہ بهر حال هونديون آهن ليڪن توهان کي پنهنجي ڪم ۾ شوق وڌائڻ گھرجي ۽ پنهنجي قابليت تي پروسو ڪرڻ گھرجي. مشڪلاتن تي قابض تڏهن ٿي سگھندو. جڏهن پنهنجي ذهن کي سوچڻ جي عادت وجهندو. هر غير ضروري اثر کان پاڻ کي ۽ پنهنجي ذهن کي محفوظ رکڻ، پنهنجي مضمون ۾ شوق پيدا ڪرڻ ۽ مٿي ٻڌايل تجويزن تي عمل ڪرڻ سان توهان کي يقينن لطف حاصل ٿيندو. توهان جي ذهني پريشاني جو سبب پڙهڻ ڪانسواءِ ٻين ڪمن ۽ قرض جو هجڻ بہ ٿي سگھي ٿو. اهڙي قسم جي پريشاني کان بچڻ لاءِ ضروري آهي تہ توهان کي جيڪو بہ ڪم (پڙهڻ ڪانسواءِ ) ڪرڻو هجي تہ ان جو تفصيل لکي رکو تہ جيئن اهو ڪم توهان کان وسري نہ وڃي. اهڙي طرح توهان جو ذهن فڪر کان آزاد رهندو.

ذهن جو پريشان هجڻ ۽ خيالن جو پٽڪڻ ڏيکاري ٿو تہ توهان جي مضمون ۾ دلچسپي گھٽ آهي يا پڙهڻ جي طريقي مان واقف نہ آهيو ان باري ۾ وڌيڪ تجويزون ڏجن ٿيون.

IV

# پڙهڻ جو تسلسل ۽ نظام

## پڙهائي جو وقت:

جهڙي طرح ڪاروبار ۽ فوجي معاملن ۾ آئنده جي لاءِ رٿابندي جي ضرورت هوندي آهي. اهڙي نموني پڙهائي لاءِ پڻ رٿابندي ڪرڻ جي ضرورت آهي. جڏهن ڪو طالب علم پنهنجي ڏينهن جي ڪم جي رٿابندي ڪري ٿو ۽ ان تي عمل پيرا رهي ٿو تہ اهڙي صورت ۾ هو پنهنجي پڙهائي جي فڪر کان آزاد ٿيو وڃي. جڏهن ڪو بہ شخص پنهنجي رٿا تي عمل پيرا ٿئي ٿو تہ پوءِ اها هن جي عادت ٿيو پوي. جيئن ڪو صبح جو اٿي ٻاهر وڃڻ لاءِ لباس تبديل ڪندو آهي يا پنهنجي ماني کائڻ جي عادت پوري ڪندو آهي. تيئن وقت سر پڙهائي جي عادت پوري ڪرڻ گھرجي. پڙهائي جي باري ۾ مقرر پروگرام اسان کي گھڻي مدد فراهم ڪري ٿو ۽ ان کي بامقصد بڻائي ٿو. بامقصد ۽ بهتر رٿابندي جي نظام جي اهميت هيٺين پيراگراف ۾ بيان ڪئي وئي آهي.

جهڙي طرح پڙهائي لاءِ جڳهه يا جاءِ مقرر ڪرڻ ضروري آهي تهڙي طرح پڙهائي لاءِ جڳهه يا جاءِ جو تعين ڪرڻ به ڪو گهٽ اهم نه آهي. پنهنجي ڪم لاءِ ميز ۽ ڪرسي مقرر ڪري ڇڏيو. جنهن تي ويهي توهان ڪي ذهني ۽ علمي ڪم ڪرڻو آهي. اها ميز ۽ ڪرسي توهان لاءِ مطالعي ڪرڻ جي جاءِ ٿي پوندي. ان خاص يا مقرر جاءِ تي پنهنجي مقرر ڪيل وقت تي ڪم ڪرڻ لاءِ ويهندو ته توهان پاڻ کي ڪم لاءِ گهڻو آماده محسوس ڪندو.

نظام ۽ تسلسل اهڙيون شيون آهن جيڪي يقينا توهان کي ڪاميابي سان همڪنار ڪنديون اهو ئي ڪاميابي جو راز آهي. سر وليم اوسلر (Sir William Osler) جنهن ڊاڪٽري جي پيشي ۾ وڏيون وڏيون ڪاميابون حاصل ڪيون آهن ۽ هن وقت پيشي ۾ تمام ناميارو آهي. شاگردن کي خطاب ڪندي هينيان سوال ڪيا ۽ پاڻ ئي انهن جا جواب ڏنا.

”توهان (شاگرد) پنهنجي صلاحيتن کي ڪهڙي طرح استعمال ڪندو جو توهان کي گهٽي ۾ گهٽي ڪاميابي ٿئي ۽ فائدو رسي ليڪن تڪليف تمام ٿوري ۾ ٿوري اچيو؟“ پاڻ هن سوال جو جيڪو جواب ڏنو اٿس ان جو تفصيل هينئين طرح آهي.

## نظام يا سرشتي جو ناهڻ:

نظام جو ناهڻ، مان ان ڪري ٿو چوان جو توهان لاءِ ڪنهن خاص طريقي جي عادتن جو اختيار ڪرڻ مشڪل آهي. هڪڙا ڄمندي ئي ڄام هوندا آهن. ڪين قدرت جي طرفان اهڙو ته اعليٰ دماغ عطا ڪيل هوندو آهي جو هو ڪوبه نظام تخليق ڪري سگهندا آهن. ٻيا اهي جن جي سڄي عمر ان ڪوشش ۾ گذري ويندي آهي ته ڪهڙي طرح غير ضروري خيالن کان پاسو ڪن ۽ پنهنجي اصل ڪم تي توجهه ڏئي سگهن. توهان کي اهڙن ماڻهن جا مثال سامهون رکڻ گهرجن جن تمام گهڻو مشڪلاتن کي منهن ڏنو ۽ انهن تي قابو پائيندي ڪاميابيون حاصل ڪيون. ڪاميابي لاءِ ضروري آهي ته پنهنجي قائم ڪيل نظام ۾ پختو يقين رکو ته اهو ئي توهان کي آئنده زندگي ۾ ڪم ايندو.

طالب علمن تي واضح هجي ته جيڪي عادتون هو هن وقت يعني شروعاتي دور ۾ اختيار ڪندا اُهي سندن آئنده زندگي ۾ ڪم ايندين. ان ڪري سندن آئنده زندگي جو دارومدار هن وقت جي اختيار ڪيل عادتن تي منحصر هوندو. اسڪول يا ڪاليج ۾ روز اچڻ ته سولي ڳالهه آهي ليڪن پنهنجي روزمره زندگي کي بهرحال هڪ تسلسل سان ملائڻ هڪ ڏکي ڳالهه آهي. توهان جي ڏينهن جو هر ڪلاڪ ڪنهن خاص ڪم لاءِ مخصوص هجڻ گهرجي. توجهه مرڪوز ڪرڻ جي ڪوشش ڪيو ته جيئن وقت گذرڻ سان گڏ اها عادت ورزش سان گڏ ترقي ڪري. توهان جو ڌيان بي توجهي جو شڪار نه ٿئي ۽ نه وري هيڏي هوڏي ڀٽڪي ۽ اهو پنهنجي مرڪز

تي قائم ۽ مڪمل رهي. هو پڙهڻ جي ڳالهه ڪي ورجائڻ هڪ سٺي ذهني ورزش آهي ۽ جڏهن توهان اسڪول يا ڪاليج جي پڙهائي ڪندو ته اها ڳالهه توهان ڪي علم جو اهم ذريعو معلوم ٿيندي. ٻين لفظن ۾ ان ذريعي ڪي ڪم جي صلاحيت يا قوت پڻ چئي سگهجي ٿو.

هر شخص ڪي پنهنجي ڪم جي باري ۾ فهرست يا تفصيل پاڻ تيار ڪرڻ گهرجي. ان تفصيل جي سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي ته توهان پڙهڻ ڪي ڪيترو وقت ٿا ڏيو. غير ضروري طرح بهادر ٿيڻ جي ضرورت نه آهي. ان بيماري کان بچڻ جي ڪوشش ڪريو. پڙهڻ لاءِ تمام گهڻو وقت رکو ۽ نه ئي تمام ٿورو. انڪان پوءِ اهو فيصلو ڪرڻ گهرجي ته ڏينهن جو ڪهڙو وقت اهڙو هجي جنهن ۾ توهان جي ڪم ۾ ڪو رخنو نه پوي ۽ اوهان اطمينان سان پنهنجو ڪم جاري رکي سگهو. ان سلسلي ۾ بهتر تجويز اها آهي ته توهان ڏينهن جي ٻه ٽي وقت پڙهڻ لاءِ مقرر ڪيو. پر شرط اهو آهي ته انهن وقتن تي پڙهڻ جي عادت پاڻ ۾ وجهو.

ڪهڙي مضمون کي ڪهڙو وقت ڏجي؟ ڪهڙي مضمون کي پهريان کڻڻ گهرجي ۽ آخر ۾ ڪهڙو مضمون پڙهجي؟ ان باري ۾ رٿابندي ۽ فيصلو ڪرڻ ذرا ڏکيو آهي. پڙهڻ جون عادتون هر طرح سان غير لچڪيدار ٿي نه ٿيون سگهن. بهر حال سڀي ڏينهن ۾ توهان کي ڇا پڙهڻو آهي ۽ ان لاءِ ڪيترو وقت صرف ڪرڻ گهرجي. انهيءَ ۾ رٿابندي ڪرڻ بهرحال ضروري آهي. اهڙي طرح توهان هن قسم جي مونجهاري کان بچي ويندو ته ”خبر نه ٿي پوي پهريان ڇا ڪجي (پڙهجي)؟“ هن تڪڙ کان به بچي ويندو ته توهان کي ڪهڙين شين يا ڳالهين کي اوليت ڏيڻي آهي.

تمام ٿورن شاگردن کي خبر هوندي آهي ته سندن وقت ڪيئن ٿو گذري. ڪين زندگي جي انهن قيمتي ۽ انمول گهڙين جي گذرڻ جو احساس ٿئو رهي. جيڪڏهن ڪين اها خبر پئجي وڃي ته سندن قيمتي وقت ڪيئن ٿو گذرندو وڃي ته جيڪر هو پنهنجي روزنامچي کي بهتر طور تي ترتيب ڏين هيءَ ڳالهه سندن لاءِ ڪاميابي جو پهريون ڏاڪو ثابت ٿيندي. اسان هيٺ هڪ خاڪو ڏيئي رهيا آهيون ته جيئن توهان سولائي سان پنهنجي هر ڪلاڪ جو حساب رکي سگهو ته اهو توهان ڪيئن ۽ ڪهڙي طرح گذاريو

رات جو سمهڻ کان اڳ ۾ اوهان ان کي پُر ڪيو ته جيئن توهان کي خبر پئجي سگهي ته ڪهڙي وقت ڪهڙو ڪم سرانجام ڏنو اٿم. ائين ڪرڻ سان توهان کي پنهنجي وقت جي استعمال جي باري ۾ نئين قسم جي معلومات حاصل ٿيندي. جيڪو وقت توهان جي خيال ۾ زيان ٿيو هجي. ان تي غور ڪيو ته ائين ڇو ٿيو؟ آئنده ان کي ضايع ٿيڻ کان بچائي سگهو. هي روزنامچو توهان کي ڪم ڪرڻ ۾ گهڻي مدد ڏئي سگهي ٿو.

ننڊ مان اٿڻ جو وقت ڪلاڪ ڪان. . . . . . تائين سمهڻ جو وقت
تاريخ

ڪم جي نوعيت راءِ. . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . .

سڄي ڏينهن ۾ ڪيل ڪمن جو اختصار (وقت ڪلاڪن ۾ )
1. ننڊ لاءِ صرف ڪيل وقت. . . . . . . . . . . . . . . . . . . . .
2. آرام، سير، تفريح ۽ ورزش لاءِ صرف ڪيل وقت. . . . . .
3. گهر جي ڪمن ۾ صرف ڪيل وقت. . . . . . . . . . . . . . . . . . . . .
4. ڪلاس ۾ (اسڪول يا ڪاليج ۾ ) صرف ڪيل وقت. . . . . . . .
5. ڪاڏي ڪائڻ ۾ صرف ڪيل وقت. . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . .
6. ٻين مصروفتن تي صرف ڪيل وقت. . . . . . . . . . . . . . . . . . . .
ڪل صرف ڪيل وقت. . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . .:

V

# بهتر پڙهائي ڪرڻ لاءِ چند مفيد طريقا

عام طرح اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پڙهائي جو طريقو اهو آهي ته استاد پاڻ پڙهندو آهي ۽ شاگرد ٻڌندا آهن. ان ڪان پوءِ شاگرد ڪتاب پڙهي ٻڌائيندا آهن ۽ استاد ٻڌندو آهي. بهتر پڙهائي ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته اسان ڪتاب پڙهڻ جي صلاحيت ڪي ترقي وٺرايون. پڙهائي جو مطلب اهو هوندو آهي ته اسان ڪيترو تڪو ۽ تفصيل سان پڙهي سگهون ٿا ۽ گهر لاءِ ڏنل ڪم ڪي اسان ڪيتري قدر بهتر نموني سرانجام ڏئي سگهون ٿا. بيان ڪيل ڳالهين جو جائزو وٺڻ سان خبر پوندي ته شاگرد پنهنجي پڙهڻ ۽ گهر جي ڪم ڪرڻ ۾ ڪيتري قدر تڪڙو آهي. ليڪن جيڪڏهن ڪابه گهٽتائي محسوس ڪري ته ان ڪي ٺيڪ ڪرڻ جا طريقا ڪهڙا ٿي سگهن ٿا. هي باب انهن مسئلن سان تعلق رکن ٿا ته جلد ۽ تڪڙو ڪهڙي طرح پڙهجي ۽ ٻيو ته تفصيل سان پڙهجي.

هن باب ۾ پڙهڻ جي طريقن ڪي ترقي وٺرائڻ لاءِ ڪجهه اصول ٻڌايا ويا آهن.

## (1) ڪنهن به موضوع ڪي پڙهڻ ڪان اڳ ۾ ان بابت ڪجهه معلومات حاصل ڪيو ۽ پنهنجي ذهن ڪي تيار ڪيو:

هر باب پڙهڻ ڪان اڳ۾ پاڻ ڪان سوال ڪيو ته هن باب جو اوهان جي نصاب ۾ ڪهڙو مقام آهي ۽ اهو ڪورس ۾ ڪيتري اهم جاءِ والاري ٿو. گذريل موضوع سان هن جو ڪيترو تعلق آهي ۽ پاڻ ڪان اهو به سوال ڪيو

ته اوهان هن موضوع متعلق اڳ ۾ ڪيترو ٿا ڄاڻو. ان سلسلي ۾ پنهنجي گذريل پڙهائي، معلومات ۽ علم ڪي ياد ڪيو ۽ سوچيو ته اها توهان جي موجوده موضوع سان ڪيتري قدر تعلق رکي ٿي. ڪتاب لکندڙ ڪان موضوع متعلق پڇڻ لاءِ سوال مرتب ڪيو. اهو به سوچيو ته اوهان هن موضوع ڪي ڪيترو وڌائي سگهو ٿا.

## (2) ابتدا ڪان ئي موضوع سان واقفيت پيدا ڪيو:

ڪتاب جي شروع ڪرڻ وقت ئي پنهنجي ذهن ۾ ڪتاب متعلق راءِ قائم ڪيو ته اهو ڪتاب ڪهڙي موضوع جي باري ۾ ٿي سگهي ٿو. ڪتاب جي عنوان ۽ لکندڙ جي باري ۾ معلومات حاصل ڪيو ته لکندڙ جي ڇا حيثيت آهي؟ سندس ٻيون ڪهڙيون لکڻيون موجود آهن؟ موجوده ڪتاب ڪهڙي سال لکيو ويو. ڪتاب جي تعارف ۾ ڇا لکيل آهي فهرست ڪيئن ٺهيل آهي. اهڙي طرح ڪنهن به ڪتاب متعلق ابتدائي راءِ قائم ڪيو. ڪتاب مان توهان ڪي ڇا

حاصل ٿيندو ان باري ۾ پنهنجي راءِ قائم ڪيو. ڪتاب جي رٽا به ذهن ۾ محفوظ ڪرڻ ضروري آهي.

## (3) ڪتاب يا موضوع جو پس منظر سمجهڻ لاءِ ان کي هڪ دفعو جلد تڪڙو پڙهي وڃو:

تفصيل کي نظر انداز ڪندي ڪتاب کي جلد پڙهيو وڃي. ائين ڪندي توهان اهو خيال ڪري ڏسو ته خاص ڪري نوان موضوع متعارف ڪرايا ويا آهن يا اهم خيال ڏنا ويا آهن. ٿوري ڪوشش ۽ تجربي کان پوءِ توهان محسوس ڪندؤ ته توهان ڪتاب ۾ ڏنل اهم ڳالهيون آساني سان جذب ڪري ٿا سگهو. ڪيترن ڪتابن ۾ اصولن کي سمجهائڻ لاءِ ڪيترا مثال ڏنا ويندا آهن جڏهن توهان کي اصول سمجهه ۾اچي ويندا ته پوءِ ان جا ٻيا مثال سمجهڻ توهان لاءِ ڪو مسئلو نه رهندو ٻيو دفعو پڙهڻ توهان کي فضول ۽ وقت جو زيان نظر ايندو پر ائين نه آهي جيئن جيئن وقت گذرندو ويندو تيئن تيئن توهان کي محسوس ٿيندو ته هڪ کان وڌيڪ دفعا پڙهڻ نه صرف مضمون کي سمجهڻ ۾ آساني پيدا ڪري ٿو پر حقيقي معنيٰ ۾ وقت پڻ وچائي ٿو.

## (4) پنهنجي مضمون يا ڪتاب کي ٻيو دفعو آهستي تفصيل ۽ پوري ڌيان سان پڙهو:

اهڙي طرح پڙهڻ جي صورت ۾ توهان محسوس ڪندؤ ته ڇڏيل تفصيل (پهريون دفعو پڙهڻ وقت ) هاڻي وڌيڪ معنيٰ بيان ڪري رهيا آهن. بنيادي يا مرڪزي خيال کي ذهن ۾ رکي ان جي تفصيل تي غور ڪندي مرڪزي خيال سان ملائڻ جي ڪوشش ڪريو. مضمون جا ڪيترائي حصا جيڪي پهريان توهان کي بي ربط ۽ معنيٰ ۽ مطلب کانسواءِ محسوس ٿيا هوندا. انهن کي مرڪزي خيال سان ڳنڍيو ته اهي پنهنجو مطلب صاف ۽ واضح بڌائيندا. جيئن ته توهان کي پهرين کي خبر هوندي ته اڳتي ڇا ايندو يا هوندو ته توهان اجائي خيال ۽ ذهني پريشاني کان بچي ويندؤ. مفهوم توهان تي واضح ٿيندو ويندو. ياد رکڻ گهرجي ته ڪتاب کان اڳتي سوچڻ ئي اصل تعليم آهي. نوان مثال سوچيو ۽ انهن ۾ ربط پيدا ڪيو. اديب يا لکندڙ تي تنقيد جي نظر رکوچڻ توهان کيس محسوس ڪرائي رهيا آهيو ته هو پنهنجي مثالن ۽ تشبيهن جو جواز پيش ڪري. مضمون يا ڪتاب کي پنهنجي سوچ بنايو. حاصل ڪيل معلومات يا علم کي پنهنجي روزمره جي گفتگو ۽ خيالن جي ڏي وٺ ۾ استعمال ڪيو.

## (5) ڪتاب پڙهڻ وقت اهم نُڪتا لکو. ڪتاب تي نشان ڪيو ۽ انهن کي ٻيهر پڙهڻ وقت استعمال ڪيو:

كتاب جي پڙهائي ڪندي جڏهن توهان ڪنهن اهم نُڪتي ياڳالهه تي پهچو ته ان تي نشان ڪيو يا وري پنهنجي نوٽ بوڪ تي لکي ڇڏيو. چند پيراگراف ياڪنهن هڪ پيراگراف جي پڙهڻ کانپوءِ ان باري ۾ سوچيو ته توهان ڇا پڙهيو آهي ۽اهم نُڪتي کي پنهنجي ڪاپيءَ ۾ لکي ڇڏيو. خاص نوٽس جو لکڻ اهم آهي. موضوع جي باري ۾ سوچڻ وقت اُهي نوٽس توهان جي مدد ڪنداءِ ڪجهه وقت گذرڻ کانپوءِ جڏهن توهان موضوع تي نظرثاني ڪندؤ ته ان وقت اُهي توهان جي مدد ڪندا.

نئين موضوع جي شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ پنهنجي نوٽس کي هڪ نظر ڏسو. هر نئين موضوع شروع ڪرڻ کان اڳ۾ ائين ڪرڻ ضروري آهي. جيتوڻيڪ ائين ڪرڻ سان توهان جا چند منٽ صرف ٿيندا. جتي توهان جا نوٽس نامڪمل هجن يا ڪنهن هنڌ تي ڪمزور نظر اچن ته اهڙي صورت ۾ اصلي ڪتاب ڏانهن رجوع ڪرڻ کپي ته جيئن ذهن وري اهي ڳالهيون ياد ڪري. اهڙي طرح توهان پنهنجي هر سبق کي بهتر نموني استوار ڪري سگهو ٿا.

### (6)اها پڪ ڪيو ته توهان جي حاصل ڪيل معلومات صحيح ۽ درست آهي:

علم حاصل ڪرڻ ئي تڏهن ٿيندو جڏهن ماڻهو پاڻ کي تنقيد self critical جي نگاهه سان ڏسندو. اهو به يقيني آهي ته ٿوري وقت ۾ گهڻو ڪجهه حاصل ڪري ٿا سگهو. انڪري اها پڪ ڪريو ته توهان ٿوري وقت ۾ جيڪو ڪجهه حاصل ڪيو آهي اُهو يقيني صاف آهي. منجهيل ۽ ڏنڌلي معلومات جي حاصل ڪرڻ کان اڳ پاڻ کي پري رکو. بهتر اهو آهي ته توهان چند بنيادي اصول ڪنهن به ڪتاب يا مضمون جا تمام چڱي طرح سمجهو ۽ ياد رکو.

# IV
# تفصيل سان پڙهڻ جي تربيت

ان کان اڳ جو ڪتاب کي خيال سان پڙهو. ان کي هڪ دفعو نظر مان ڪڍي وڃڻ ضروري آهي. جيڪڏهن ڪتاب ڪنهن خاص اهميت وارو نہ آهي تہ پوءِ ان کي هڪ دفعو پڙهڻ ئي ڪافي آهي. جيڪڏهن ڪتاب اهم آهي تہ پوءِ ان کي نظر مان ڪڍڻ جو فائدو اهو ٿيندو تہ ان ۾ ٻڌايل مکيہ نظريہ اسان جي ذهن تي عڪس وانگر ٿي ويهندا جن کي پوءِ ذهن ۾ سمائڻ سولو ٿي پوندو.

ڪنهن بہ مضمون يا ڪتاب پڙهڻ کان اڳ ۾ ان متعلق تياري ڪرڻ ضروري آهي. جو آخرڪار توهان کي ان باري ۾ سوچ ڪرڻي پوندي ۽ ان سلسلي ۾ ڪي سوال پڻ توهان جي ذهن ۾ ايندا تہ انهن کي حل ڪرڻ لاءِ توهان ڪهڙا اپاءُ ورتا. ان باري ۾ توهان اسڪول يا ڪاليج ۾ نوٽس ورتا هوندا. جيڪي توهان لاءِ ان سلسلي ۾ رهنما ثابت ٿي سگهن ٿا. جيڪڏهن توهان جي لکندڙ سان واقفيت آهي تہ پوءِ توهان لاءِ مضمون جي نوعيت معلوم ڪرڻ ڪو ڏکيو ڪم نہ آهي. تفصيلي پڙهڻ کان اڳ ۾ هيٺين ڳالهين کي ڌيان ۾ رکڻ ضروري آهي پهريون تہ پڙهڻ کان اڳ ۾ سوچيو ۽ خيال ڪيو تہ هن ڪتاب يا مضمون جو بنيادي موضوع ڇا هوندو يا ڇا ٿي سگهي ٿو ٻيو تہ تفصيلي پڙهڻ کان اڳ ۾ ڪتاب يا مضمون کي پنهنجي سرسري نظر مان ڪڍي وڃو ائين ڪرڻ وقت ليکڪ جا خيال ۽ ڪتاب جي باري ۾ رٿا کي پنهنجي ذهن ۾ محفوظ ڪيو.

## (1)پڙهڻ وقت مطالعي جو مقصد پنهنجي ذهن ۾ محفوظ رکو:

ڪتاب پڙهڻ وقت ان جي اهم نُڪتن کي ذهن ۾ محفوظ ڪندا هلو. جڏهن سمجهو تہ توهان جو ذهن ٿڪجي پاسي ٿي ويو آهي تہ اهڙي وقت پڙهڻ بند ڪري ڇڏيو ۽ جيڪي ڪجهہ پڙهي ويا آهيو انکي ورجائي پڙهيل مواد جو تسلسل قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪيو.

## (2)اهو يقين ڪريو تہ هر پيراگراف جو اهم نُڪتو توهان جي ذهن ۾ محفوظ آهي:

هر حصي، ٽڪري يا پيراگراف جي پڙهڻ کان پوءِ ڪجهہ گهڙيون ترسي پنهنجي ذهن کي تازو ڪيو ۽ ان جي اهم نُڪتي کي پنهنجي لفظن ۾ ورجايو. ڇاڪاڻ تہ اهو ضروري آهي.

پاڻ کان ان باري ۾ سوال پڇو اهو ٻه ڏسڻ ۾ سوچڻ گهرجي ته جيڪي پڙهجي پيو اُن جو گذريل پيراگراف يا باب سان ڪهڙو تعلق آهي. جيڪڏهن ڪو پيراگراف سمجهه ۾ نه اچي ته ان جي هر جملي کي يا اجا ٻه هڪ لفظ کي وري وري پڙهڻ گهرجي. جيڪي ٻه لفظ توهان کي مطالعي دوران ڏکيا لڳن ته انهن جي معنيٰ ياد ڪجي. لفظن جي معنيٰ ياد ڪرڻ جو موقعو هٿان وڃڻ نه ڏنو وڃي جيڪڏهن توهان سمجهو ٿا ته توهان کي ڪنهن خاص پيراگراف جي معنيٰ ۽ مفهوم اچن ٿا ته پوءِ  هرويرو وقت نه سيڙايو ۽ اها معنيٰ پنهنجي نوٽ بوڪ ۾ درج ڪري ڇڏيو جيڪا توهان کي بعد ۾ ڪم ايندي پڙهندي پڙهندي ڪا گهڙي بيهي خيال ڪيو ته توهان ڇا پڙهيو آهي اهو اصل بظاهر توهان کي وقت جو زيان محسوس ٿيندو ليڪن در حقيقت اُن سان توهان جي قابليت ۾ واڌارو ٿئي ٿو. خيال آرائي ڪرڻ سان توهان کي وڌيڪ ياد ٿيندو ۽ پڙهڻ ۽ مطالعي ڪرڻ ۾ سهوليت ٿيندي.

### (3)مختلف نُڪتن ۾ فرق محسوس ڪرڻ ۽ پڙهڻ جي رفتار ۾ توازن قائم ڪرڻ:

مشڪل ۽ ڏکيا پيراگراف ۽ انهن جي ڏکين نُڪتن کي آهستگي سان وري وري پڙهڻ گهرجي. انهن کي ان مهل تائين پڙهڻ گهرجي جيسيتائين اهي ياد ٿي نه وڃن. نظر مان نڪتل اهم نُڪتن کي وري وري پڙهڻ گهرجي . پڙهڻ جو بهترين راز ان ۾ آهي ته مشڪل حصن کي ڌيان سان ۽ هر هر پڙهڻ گهرجي. جيئن پڙهڻ جي رفتار وڌائي سگهجي.

### (4)تنقيدي نظر سان پڙهو، پڙهڻ وقت کي نتيجا اخذ ڪيو، ڪتاب تائين پاڻ کي محدود نه ڪيو ان کان اڳتي سوچيو:

پنهنجي پڙهڻ جو گهڻو وقت ان سوچ ۾ گذاريو ته توهان ڇا پڙهيو آهي. صرف مواد جي ياد ڪرڻ تي پنهنجو زور صرف ڪرڻ نه گهرجي. ڪيترن طالب علمن جي عادت هوندي آهي ته بنا سوچ جي يقين ڪندا آهن. اهو طريقو درست نه آهي. صحيح طريقو اهو آهي ته توهان جيڪي حقيقتون پڙهيون آهن يا نظرياتي بحث توهان جي نظر مان گذريا آهن يا وري جيڪي رايا ڏنا ويا آهن. انهن تي سوچيو ۽ غور ڪريو. جيڪو ڪجهه ڪتاب ۾ لکيل هوندو آهي اهو سڄو سيڪڙو درست نه هوندو آهي اهو ان انڪري جو اُن ۾ گهڻو ڪري وڌاءُ پڻ شامل ٿيل هوندو آهي. پنهنجي ذهن کي متعصب نه ڪيو ۽ اهڙي طرح اڳ ۾ ئي راءِ قائم نه ڪيو ته هوءَ ڳالهه درست آهي يا هيءَ ڳالهه غلط هوندي. پنهنجي ذهن کي صاف رکي پوءِ ئي پڙهڻ ويهو. هر ڳالهه کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار رهو. جيڪڏهن ان ۾ مصنف پنهنجي نظرئي کي ثابت ڪرڻ لاءِ انگ اکر ۽ شاهديون پيش ڪري ٿو ته انهن انگن اکرن ۽ شاهدين کي پڻ جانچي ڏسو ته اهي ڪيتري قدر

درست آهن ۽ مصنف پنهنجي نظريي کي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ ڪهڙي طرح انهن کي استعمال ڪيو آهي.

پڙهڻ وقت غور ڪندي پاڻ کان هيٺين قسمن جا سوال پڇڻ گهرجن. ڇا حقيقت درست بيان ٿي رهي آهي؟ ڇا حقيقت ۽ راءِ ۾ مصنف فرق ڪري ٿو؟ ڇا هو پنهنجي نتيجن کي ثابت ڪرڻ لاءِ شاهديون پيش ڪري ٿو؟ ڇا مصنف جا اخذ ڪيل نتيجا توهان جو غير متعصب ذهن قبول ڪري ٿو؟ جڏهن توهان انهن سوالن تي غور ڪندؤ ته پوءِ توهان پاڻ به ڪي نتيجا اخذ ڪري سگهندؤ. جيڪا راءِ توهان قائم ڪئي آهي. اُها آخري نه هجڻ گهرجي. ان ۾ تبديلي ۽ نئين حقيقتن کي قبول ڪرڻ جي قوت موجود هئڻ گهرجي.

توهان جو ذهن نه صرف تنقيدي نقطہ نظر سان پُر هجي پر ان کان به اڳتي سوچي. نظرين کي سمجهڻ لاءِ ضروري مثال سوچجن. اهو به سوچڻ گهرجي ته مثال مان مصنف جي بدايل نظريي جوڇا مقصد آهي ۽ ان جا ڪهڙا نتيجا نڪرندا. توهان جن مسئلن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيو. سي انهن مثالن سان ڪيتري قدر حل ٿي سگهن ٿا. هر نئون موضوع توهان لاءِ نئين معلومات ۽ نئين روشني جو سبب ٿئي ٿو.

## (5)ڪتاب جي هر حصي ۾ آيل مرڪزي خيال تي نشان ڪري ڇڏڻ:

جڏهن به ڪنهن اهم نُڪتي تي پهچو ته اُتي نشان ڪري ڇڏيو. ان جو آسان طريقو اهو آهي ته صفحي جي پاسي کان ليڪ ڏئي ڇڏيو. جيڪڏهن اهو حصو وڌيڪ اهم آهي ته اُتي ٻٽي ليڪ سان نشان ڪري ڇڏڻ گهرجي. جتي به توهان کي ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه اچي يا ذهن ۾ ڪو سوال اڀري ته اتي سوال جي نشاني ڏئي ڇڏڻ گهرجي ته جيئن ان نُڪتي بابت ڪنهن قابل شخص کان پڇي سگهو. گهٽن قسمن جا نشان استعمال ڪري سگهجن ٿا پر بهتر اهو آهي ته هڪ جهڙو طريقو اختيار ڪيو وڃي. جيڪڏهن ڪتاب توهان جو نه آهي ته اهڙي صورت ۾ ڪتاب تي نشان نه ڪجن ۽ ان مقصد لاءِ هڪ ڌار نوٽ بوڪ استعمال ڪيو وڃي.

جڏهن توهان ڪتاب جي ڪنهن حصي کي پڙهي رهيا آهيو ۽ ان جي مرڪزي خيال جو تت لکي ڇڏيو يا مصنف جي ڏنل اختصار کي ذهن ۾ رکڻ گهرجي. تنقيدي نوٽس لکڻ ۽ اهم نُڪتن تي نشان ڪرڻ جو عمل توهان کي سوچڻ تي مجبور ڪندو ۽ اهم نُڪتن کي ذهن ۾ محفوظ ڪرڻ ۾ سهولت پيدا ڪندو. جڏهن توهان ڪتاب جو وري مطالعو ڪندؤ ته اُهي نوٽس ۽ نشان توهان جي گهڻي مدد ڪندا.

## (6)مطالعي ڪرڻ وقت اهم نُڪتا نشان ڪندا هلو يا ذهن ۾ محفوظ ڪندا هلو ۽ ٻيهر پڙهڻ وقت انهن تي هڪ دفعو وري نظرثاني ڪيو:

ڪتاب جي مختلف حصن ۾ آيل اهم نُڪتن کي هڪ ٻئي سان ربط ۾ آڻيو. گڏيل مواد کي مکيه حصن يا ڀاڱن ۾ ورهايو. اهڙي طرح سڄي موضوع کي پنهنجي ذهن ۾ رکو. هڪ ٻئي کان ڌار ۽ بي ربط ڳالهيون ڪنهن ڪم جون نہ هونديون آهن. بي ربط ڳالهين جو ميڙ هڪ جهنگ مثل هوندو آهي. جنهن ۾ ڪجهه بہ صاف نظر نہ ايندو آهي. مضمون کي وسيع طرح پڙهڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ اچي تہ ڪتاب ڏانهن رجوع ڪرڻ مناسب آهي. ورتل نوٽس ۾ جيڪڏهن تبديلي ڪرڻي پوي تہ اُن ۾ ڪو حرج نہ آهي. بهر حال موضوع جو مڪمل طرح مطالعو ڪرڻ ئي بهتر هوندو آهي.

## (7)بهترين پڙهائي ڪرڻ جو طريقو اهو آهي تہ جيڪي نوٽس ورتا ويا آهن. انهن کي موضوع جي لحاظ کان مختلف حصن ۾ ورهايو وڃي ۽ نظرثاني ڪرڻ وقت پنهنجي معلومات کي ڏنل سوالن تي پرکجي:

هن قسم جي طريقي اختيار ڪرڻ سان توهان پنهنجي پڙهڻ جي صلاحيت کي وڌائي سگهو ٿا. هر موضوع تي ٿي سوال ٿاهيا وڃن جيڪي موضوع جي گهرائي تائين پهچندا هجن. سوال لکڻ سان گڏوگڏ انهن جا جواب بہ پنهنجي نوٽ بوڪ ۾ لکندا رهو. اهڙي نموني توهان يقيناً پنهنجي راءِ قائم ڪري سگهندا تہ زيرنظر ڪتاب ڇا جي باري ۾ آهي ۽ ان ۾ ڇا سمايل آهي . ٻيهر ڪتاب پڙهڻ کان اڳ ۾ ڪتاب بند ڪري ٺاهيل سوالن جا جواب لکڻ گهرجن ۽ جيڪڏهن ڪنهن سوال جو جواب غير واضح هجي تہ ڪتاب مان مدد وٺي سگهجي ٿي.

ان کان علاوه اهو بہ ڏسڻ گهرجي تہ اهم موضوع تي لکيل سوال توهان کي ڪيتري قدر ياد آهن. سوالن جي ياد هجڻ يا انهن جي جوابن لاءِ پاڻ کي هميشہ تيار رکڻ گهرجي. اهو سلسلو تيستائين هجڻ گهرجي جيستائين ڪتاب جو مڪمل تصور توهان جي ذهن ۾ سمائجي نہ وڃي.

ان سان گڏ جيئن مٿي ٻڌايو ويو آهي تہ پاڻ کي صرف ڪتاب تائين محدود رکڻ نہ گهرجي پر ان کان بہ اڳتي سوچڻ گهرجي ۽ ان باري ۾ پنهنجي ذهن ۾ سوال اٿارڻ گهرجن. انهن سوالن جا جيڪي جواب ذهن ۾ اچن انهن کي يا تہ ڌار نوٽ بوڪ تي لکڻ گهرجي ياپنهنجي هٿ اکرن سان ڪتاب جي حاشيي تي درج ڪرڻ گهرجن تہ جيئن توهان جا خيال مصنف جي خيالن کان ڌار ۽ واضح ٿي بيهن.

# VII
# تڪڙو يا جلد پڙهڻ جي تربيت

جيڪي شاگرد تڪڙو پڙهي سگهن ٿا. اهي حقيقت ۾ پنهنجو ڪيترو ئي وقت بچائن ٿا. جلد ۽ تڪڙو پڙهڻ ڪيترن هنڌن تي تمام ڪارائتو ثابت ٿئي ٿو.

(1) پهريون ته جڏهن توهان ڪي لائبريري ۾ ويهي ڪنهن خاص ڳالهه جو حوالو جاچڻو هجي ۽ ان مقصد لاءِ توهان جي اڳيان انبار ڪتابن جا پيا هجن ته اهڙي حالت ۾ جلد ۽ تڪڙو پڙهڻ ضروري ٿيو پوي ته جيئن وقت بچائي سگهجي.

(2)تڪڙو پڙهڻ ان وقت به ڪارائتو ٿئي ٿو. جڏهن توهان رڳو ڪنهن خاص نظريي يا خيال کي معلوم ڪرڻ گهرو ٿا ان جي تفصيل پڙهڻ جو توهان کي وقت نه آهي.

(3)تڪڙي پڙهڻ جو سڀ کان اهم فائدو اهو آهي ته جڏهن توهان پنهنجي روزمره جي مطالعي ۾ مصروف ٿيندؤ ۽ ان جي بنيادي ڳالهين کي سمجهڻ جي ڪوشش ۾ رڌل هوندؤ ته توهان جي سراسري مطالعي ۾ نه صرف واڌارو ايندو بلڪ ان جي مفهوم سمجهڻ ۾ به آساني محسوس ڪندو.

ڪيترائي شاگرد آهن جيڪي تمام ٿوري ڪوشش سان پنهنجي پڙهڻ جي رفتار ۾ اضافو ڪري سگهن ٿا. تجربن ثابت ڪيو آهي ته ڪوبه شخص پڙهڻ جي رفتار ۾ واڌارو ڪري سگهي ٿو. ائين ڪرڻ سان هو ڪتاب ۾ ڏنل نظريي جي بنيادي نُڪتي کي سمجهڻ ۾ ڪابه ڏکيائي محسوس نه ڪندا آهن. اهو ضروري نه آهي ته آهستي پڙهڻ وارو شخص ڪنهن به نظريي کي سولائي سان سمجهي سگهي ٿو. انڪري جلد پڙهڻ وارو شخص ڪجهه به وڃائي سگهي ٿو. پران جي ابتڙ سمجهڻ ۾ سهولت محسوس ڪندو آهي. پڙهڻ جي رفتار ۾ وڌائڻ لاءِ ڪجهه تجويزون هيٺ ڏجن ٿيون.

(1)جلد يا تڪڙي پڙهڻ لاءِ پاڻ کي مجبور ڪيو:

ان لاءِ تمام گهٽي ڪوشش کان ڪم ورتو وڃي. پاڻ کي هر طرح سان آماده ڪري پڙهڻ جي رفتار ۾ واڌارو ڪيو وڃي. تڪڙي پڙهڻ لاءِ مشق کان وڌيڪ ڪوبه فائدو يا اصول نه آهي. انڪري جيڪڏهن توهان قاعدن وغيره کي نظرانداز ڪندي صرف لڳاتار ڪوشش ڪندا رهو ته به سٺا نتيجا حاصل ٿي سگهن ٿا ۽ تڪڙي پڙهڻ جي مشق اڄ کان ئي شروع ڪيو. پهريان پهريان توهان کي برابر تڪليف ٿيندي ۽ ان نظريي کي سمجهڻ ۾ به ڏکيائي محسوس ٿيندي پر هر روز جي مشق سان نظرين جو سمجهڻ توهان لاءِ سولو ٿيندو ويندو. ائين ڪندي جيڪڏهن

توهان ڪان ڪي غلطيون ٿينديون ته به پريشان ٿيڻ جي ضرورت نه آهي. پنهنجي سبق کي ٻه ٽي دفعا ٽڪرو ٽڪرو پيرا ڏئي وجهو ۽ ان ڪانپوءِ ان جي تفصيل ڪي ڌيان سان پڙهو.

(2) جملا (sentences) فقرا (Phrases) پڙهڻ گهرجن:

ڪيترن ماڻهن ۾ اها عادت هوندي آهي ته اهي ايترو آهستي پڙهندا آهن جو پنهنجي پڙهڻ جو آواز صرف پاڻ ئي ٻڌي سگهندا آهن ۽ ائين سمجهندا آهن ته واقعي زور سان پڙهي رهيا آهن. حالانڪ ائين نه هوندو آهي.

هن عادت مان جان ڇڏائڻ جو بهترين طريقو اهو آهي ته متي ٻڌايل قاعدن تي عمل ڪيو وڃي. ٽڪڙي پڙهڻ وقت لفظن جو ڌار ڌار تلفظ ڪرڻ هڪ ڏکيائي پيدا ڪندڙ معاملو آهي. ان ڪري جملا ۽ فقرا پڙهڻ تي وڌيڪ ڌيان ڏيڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪي جملا سمجهه ۾ نه اچن ته ان ۾ ڪابه پريشاني جي ڳالهه نه آهي ڇو جو نوان جملا اڳ ۾ پڙهيل جملن جي وضاحت ڪندا ويندا. لفظن کي نه پر نظرين کي سمجهڻ لاءِ پڙهڻ گهرجي شاعر سچ چيو آهي ته:

"اکران دي وچ جو ئي اڙيا
عشق دي چاڙهي مول نه چڙهيا"
(سچل سرمست)

لکندڙ ايندڙ صفحن ۾ ڇا تو چوڻ گهري؟ ان جو اندازو پهريان ئي ضروري آهي ۽ جيڪي ڪجهه پڙهي آيا آهيو ان تي هڪ سرسري نظر ڪرڻ گهرجي. جتي به خاميون رهجي ويون هجن انهن کي درست ڪرڻ جي ڪوشش ڪيو.

(3) عقل جو استعمال ڪرڻ گهرجي "هميشه بلندين ڏانهن اڏام ڪجي" عقل جو استعمال تڏهن ٿيندو جڏهن اسان کي فقرا، جملا ۽ ٽڪرا برزباني ياد هوندا. بلندين تائين پهچڻ جوصرف اهو ئي هڪ طريقو آهي (نوٽ: ان سان گڏ اهو به ياد رکڻ گهرجي ته اوهان جيڪي ڪجهه پڙهيو آهي ان کي اوستائين وري وري پڙهيو وڃي جيستائين اهو ياد نه ٿو ٿئي.) هر جملي ۽ ٽڪري جي شروعات ۽ پڇاڙي ڌيان ۾رکڻ گهرجي. اڪثر ائين به ٿيندو آهي جو جملي جي شروعات ۽ پڇاڙي تي ڌيان ڏيڻ سان ئي سڄي ڳالهه سمجهه ۾ اچي ويندي آهي.

(4) ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ پنهنجي ڪيل ڪم جو جائزو وٺو ۽ چڪاسيو ته توهان هن وقت تائين ڪيتريقدر ترقي ڪئي آهي. هن جي باري ۾ ايندڙ باب ۾ تفصيل سان ذڪر ڪيو ويندو.

# VIII
# پڙهائيءَ ۾ تيل ترقيءَ جو رڪارڊ رکڻ

چوندا آهن ته ڪاميابيءَ جهڙي ڪاميابي ناهي. جڏهن توهان پنهنجي پڙهائي ۾ تيل ترقي ڪي محسوس ڪندؤ ته توهان ۾ اڃا به وڌيڪ ترقي ڪرڻ جو شوق پيدا ٿيندو. جڏهن توهان کي شروعات ۾ ڪاميابي نصيب ٿيندي ته توهان يقينن وڌيڪ ڪاميابي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳي ويندؤ. بنيادي ڪاميابي توهان ۾ وڌيڪ ڪم ڪرڻ جو اتساه پيدا ڪندي. انڪري هن باب جو بنيادي نُڪتو اهو آهي ته پنهنجي روزمره جي پڙهائي کي ترقي وٺرائڻ لاءِ هڪ قسم جو پروگرام تيار ڪيو وڃي ۽ اهڙي طريقي جي رٿابندي ڪئي وڃي. جنهن سان تيل ترقي کي جانچي ۽ پرکي سگهجي. هن سلسلي ۾ هيٺ ڏنل تجويزون مفيد ثابت ٿينديون.

(1) گذريل باب ۾ ڏنل تجويزن کي مدنظر رکندي هرروز گهٽ ۾ گهٽ جيڪو وقت مقرر ڪيل آهي اهو پڙهڻ ۾ صرف ڪيو وڃي. اهڙي قسم جي ورزش يا ته پنهنجي ڏنل اسڪولي يا ڪاليج جي ڪم لاءِ ڪئي وڃي يا غير نصابي ڪتابن جي مطالعي ۾ وقت صرف ڪيو وڃي. اهو به ٿي سگهي ٿو ته ان مقصد لاءِ ڪي خاص رسالا ۽ اخبارون پڙهيون وڃن. جيڪڏهن مقرر ڪيل وقت کان وڌيڪ ڪو ٻيو سنو ڪم نه آهي. انهي عمل جو روز بنا وٿي جي

ڪرڻ تمام ضروري آهي. اها به ڪوشش ڪئي وڃي ته پڙهڻ جي رفتار اڳي کان وڌيڪ هجي. نظرين ۽ خيالن کي سمجهڻ سان گڏوگڏ ڪتاب يا مواد کي پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ به نهايت ضروري آهي.

(2) هر ٽئين چوٿين ڏينهن ڪيل ڪم جو جائزو ورتو وڃي
ان لاءِ هيٺيون تجويزون ڏنيون وڃن ٿيون

الف: پنهنجي ڪيل ڪم جو جائزو وٺڻ لاءِ ڪنهن اهڙي ڪتاب کي استعمال ڪيو جيڪو توهان جي معيار جو هجي ۽ جنهن کي توهان پهريون نه پڙهيو هجي.

ب: اُن ڪتاب جي ڪنهن هڪ حصي جو انتخاب ڪيو وڃي جيڪو چئن يا پنجن صفحن تي مشتمل هجي. هر دفعي پنهنجي مطالعي ۾ ٿيل ترقيءَ جي پرک لاءِ ان جو نئون حصو منتخب ڪيو وڃي.

ج: اهڙي ڪتاب پڙهڻ وقت توهان وٽ واچ يا گهڙيال جو هجڻ ضروري آهي ته جيئن توهان کي خبر پئجي سگهي ته ڪيتري وقت ۾ ڪيترو ڪم ڪري سگهو ٿا.

د: مطالعو شروع ڪرڻ کان اڳ۾ وقت جو نوٽ ڪرڻ ضروري آهي. اهم نُڪتن کي نظر ۾ رکندي تڪڙو تڪڙو پڙهي وڃو. جڏهن آخري نُڪتي تي پهچو ته اتي به وقت نوٽ ڪيو ته جيئن توهان کي خبر پئجي سگهي ته توهان ڪيترو ڪم ڪيو آهي.

اهڙي طرح پڙهڻ کانپوءِ جيترو ڪجهه پڙهي آيا آهيو ان جا اهم ۽ مکيه نوٽ ڪيل نُڪتا پنهنجي نوٽ بوڪ ۾ لکو. هاڻي وقت جي پرواهه نه ڪيو ۽ جيترو به وقت لڳي اهو خوشيءَ سان صرف ڪيو. واسطيدار ڳالهين کانسواءِ جيڪڏهن ٻيا به نُڪتا توهان جي ذهن ۾ اچن ته اهي به لکندا هلو.

(3) پنهنجي پڙهن جي رفتار ۽ سمجهه ۾ ايندڙ ڳالهين جو جائزو وٺو ۽ ان تي لکندا هلو.
ان لاءِ هيٺ طريقيڪار تحرير ڪجي ٿو

الف: پنهنجي پڙهڻ جي رفتار جو جائزو وٺڻ لاءِ ضروري آهي ته توهان پڙهڻ جي رفتار في منٽ لکندا هلو. ان لاءِ ضروري آهي ته جيترو مواد توهان کي پڙهڻو آهي ان جي لفظن جو تعداد لکو ۽ انهن جي پڙهڻ تي استعمال ٿيل وقت منٽن ۾ درج ڪيو. اهڙي طرح في لفظ تي سراسري استعمال ٿيندڙ وقت جو منٽن ۾ حساب ڪيو. اهو ائين ٿيندو ته ڪُل پڙهيل لفظن کي ڪُل صَرف ڪيل وقت سان ونڊ ڪئي وڃي. توهان کي اهڙي طرح پنهنجي پڙهڻ جي رفتار جو صحيح اندازو ٿي ويندو. جيڪڏهن هڪ سڄي پيراگراف کي ناهيو وڃي ته تمام سنو.

ب: پڙهڻ جي رفتار جاچڻ کانپوءِ توهان کي اهو ڏسڻو آهي تہ توهان ڪيتري قدر خيال يا معنيٰ کي سمجهيو آهي. هن سلسلي ۾ پهرين ڳالهہ اها آهي تہ اهم خيالن جي هڪ فهرست تيار ڪيو. پوءِ ڏسو تہ ڪتاب ۾ انهن مان ڪيترا خيال لکيا ويا آهن.

خيالن جاچڻ لاءِ توهان کي پنو پنو اٿلائڻو پوندو ۽ انهن ۾ آيل ڳالهين کي لکڻو پوندو. مکيہ ۽ اهم خيالن جي چونڊ ڪرڻ ۾ هڪ اهم ڳالهہ آهي جنهن جو سکڻ هڪ ڪارائتي شيءِ آهي. اهو عمل سولائي سان تڏهن ٿي سگهي ٿو جڏهن توهان ٻن ماڻهن کي شامل ڪندو ۽ انهن کي پاڻ وٽ لکيل ڳالهيون پڙهي ٻڌايو ۽ ڪتاب ۾ ان جي پيٽ ڪندا هلو. هڪ ٽڪري ۾ گهڻو ڪري صرف هڪ مکيہ ڳالهہ هوندي آهي. اهڙي هڪ صفحي تي ٻن يا ٽن اهم ڳالهين جو ذڪر ٿي سگهي ٿو. اهڙي طرح لکيل ڳالهين کي فهرست ۾ آيل ڳالهين سان ڀيٽي ڏسو. ان کانپوءِ ئي توهان کي ڪيل ڪم جي رفتار جي خبر پوندي.

هن سڄي عمل مان توهان کي ٻن ڳالهين جي تربيت ملندي. هڪ تہ توهان کي پڙهڻ جي رفتار جي خبر پوندي ۽ ٻيو تہ توهان ۾ خيالن سمجهڻ جي اهليت ۾ واڌارو ايندو توهان لاءِ ضروري آهي تہ هنن ٻنهي ڳالهين تي ڌيان ڏيو.

هن سلسلي ۾ ٻي اهم ڳالهہ اها آهي تہ توهان جي مطالعي جو مقصد مٿين ڳالهين کانسواءِ ڪتاب ۾ ڏنل تفصيل کي ياد ڪرڻ آهي. جڏهن توهان هڪ دفعو وري ڪتاب پڙهو تہ ان ۾ آيل نالا انگ اکر فني اصطلاح ۽ ٻيو تفصيل توهان کي ياد هجي. ان تفصيل کي وري وري ورجائيندا رهو تہ توهان لاءِ ڪنهن نظريي کي قبول يا رد ڪرڻ سولو ٿي پوندو.

اهڙي طرح تفصيل پڙهڻ ۽ ياد ڪرڻ لاءِ سخت محنت ڪئي وڃي جيئن مٿي پڙهڻ جي رفتار وڌائڻ لاءِ ٻڌايو ويو آهي.

# IX
# ڪلاس ۾ پڙهڻ جو طريقو

## ٻڌڻ يا نوٽس لکڻ:

ڪلاس روم اصل ۾ سکڻ جي جاءِ هوندي آهي. توهان کي جيڪو ڪجهه اچي ٿو ان جي مظاهري يا ظاهر ڪرڻ جي اُتي ضرورت نہ آهي. پڙهائي جي تڪميل لاءِ ڪلاس روم ۾ وڃڻ هڪ لازمي ڳالهہ آهي. پڙهڻ جي طريقن سکڻ سان گڏ اهو بہ توهان تي لازم آهي تہ اٿڻ ويهڻ جي طريقن کان واقفيت حاصل ڪيو. اسان ڪجهہ قاعدا بيان ڪري رهيا آهيون. جيڪي توهان لاءِ ڪلاس روم ۾ مددگار ثابت ٿيندا.

(1) هر ڪلاس جي پڙهائيءَ جي طريقن جي واقفيت حاصل ڪريو ۽ انهن مطابق پنهنجي سرگرمين کي تربيت ڏيو.

هر هڪ ڪلاس (يا پيرڊ يا استاد) لاءِ مختلف طريقن جو استعمال ڪيو ويندو آهي. شاگردن لاءِ لازمي آهي تہ هو انهن لاءِ اهڙا طريقا اختيار ڪري، جيڪي ان ڪلاس لاءِ مناسب هجن. اسان ڏسنداسين تہ ليڪچر ۽ بحث مباحثي(Discussion) وقت اهڙو فرق نمايان نظر ايندو آهي. ان ڪانسواءِ اسان کي ٻيا بہ ڪي فرق ڏسڻ ۾ ايندا جهڙوڪ استادن (ليڪچرارس) جي مختلف طريقن سان پڙهائڻ جو فرق، سندن شخصيت جو فرق يا وري سندن رويي جو فرق، استاد ليڪچر ڏيڻ وقت اهڙي مواد کي استعمال ڪندو آهي جيڪو گهٽو ڪري ڪتاب ۾ ڏنل نہ هوندو آهي. اهڙو مواد يا تہ توهان کي ڪتاب جي پڙهڻ ۾ مدد ڏيندو يا وري ڪتاب ۾ شامل مواد ورجائڻ ۽ ياد ڪرڻ ۾ مدد ڏيندو آهي. اهڙي مواد کي ڏيڻ جو مقصد اهو هوندو آهي تہ شاگردن کي مسئلن جي وجود جو احساس ٿئي. ڪين انهن مسئلن جي حل کان واقف ڪيو وڃي ۽ انهن ۾ مسئلن کي تنقيد ڪرڻ جي صلاحيت کي اجاگر ڪيو وڃي. انڪان سواءِ اهڙو مواد شاگردن جي شوق وڌائڻ ۾ پڻ مددڏئي ٿو. انڪري اهو ظاهر آهي تہ هر ڪلاس يا پيرڊ ۾ليڪچر جي ٻڌڻ ۽ ان جي نوٽس وٺڻ جا طريقا مختلف هوندا آهن.

ليڪچر ڪانسواءِ ٻيا بہ طريقا هوندا آهن مثلاً ممڪن آهي تہ استاد توهان کي سبق ياد ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري يا هو توهان کي دعوت ڏئي تہ پاڻ ۾ بحث ڪريو ۽ اهڙي طرح گفتگو جي ذريعي سبق سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري. توهان جو استاد ڪلاس ۾ اهم نُڪتا تفصيل

سان بيان ڪندو آهي. جنهن لاءِ هن اڳ ۾ ئي توهان کي تيار ڪيو هوندو يا اهڙين ڳالهين کي بحث هيٺ آڻي جن جو سڌو واسطو توهان جي سبق سان نه هجي. توهان کي هن سيني ڳالهين لاءِ تيار رهڻ گهرجي. انڪري لازمي آهي ته توهان استاد جي اختيار ڪيل طريقن مان فيض حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ کي هميشه ذهني طور تيار رکو. جيڪڏهن ڪلاس ۾ ڪجهه پرائڻ چاهيو ٿا ته پوءِ توهان لاءِ ائين ڪرڻ لازمي آهي.

جيئن اسان مٿي پڙهي آيا آهيون ته هر ڪلاس ۾ مختلف نوعيت جو ڪم هوندو آهي. ان هوندي به ڪجهه قاعدا بيان ڪجن ٿا جيڪي ڪلاس روم ۾ توهان لاءِ مفيد ثابت ٿيندا.

(1) ڪلاس روم ۾ وڃڻ کان اڳ ۾ پنهنجي ذهن کي تيار ڪيو مواد جي نوعيت تي غور ڪيو:

ڪلاس ۾ وڃڻ کان اڳ ۾ پڙهيل مواد کي وري وري پنهنجي ذهن ۾ دهرايو. اڳين ڏينهن تي ورتل نوٽس تي هڪ نظر وجهو. انهن نوٽس پڙهڻ وقت اهي نُڪتا ۽ سوال ورجايو. جيڪي ان وقت توهان جي ذهن ۾ آيا هئا.

(2)ڪلاس ۾ ليڪچر جي اهم نُڪتن تي غور ڪندا هلو:

جنهن وقت توهان جو استاد ليڪچر ڏيڻ ۾ مصروف هجي ته ٻڌڻ سان گڏوگڏ اوهان ان جي اهم نُڪتن تي غور ڪندا رهو. ذهن ۾ ايندڙ نُڪتن کي پاڻ ۾ ملايو. ٻڌايل نُڪتن تي تنقيدي انداز ۾ غور ڪيو. تنقيد جي روشني ۾ استاد کان سوال پڇو ۽ اهڙي طرح هر سوال کي پنهنجي ذهن ۾ رکو.

سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي ته پنهنجي ”ٻڌڻ“ جي قوت ۾ تيزي پيدا ڪئي وڃي. ان ۾ تکائي پيدا ڪيو. سست سماعت مان ڪجهه به حاصل ٿي نه سگهندو آهي. جنهن به شخص جي ٻڌڻ جي صلاحيت تکي آهي اهو ماڻهو ٻين جي مقابلي ۾ وڌيڪ سوچي سگهندو آهي. ڳالهائيندڙ جي رفتار سان هم آهنگي پيدا ڪيو. پنهنجي سوچ کي ان جي خيالن سان پيٽيندا هلو ۽ اڳ ۾ ئي سوچي ڇڏيو ته هن کان پوءِ ڇا چوندو ۽ ڪهڙي موضوع تي ڳالهائيندو. اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته سنا شاگرد اهي هوندا آهن جيڪي ڪلاس جي خشڪ ماحول ۾ به سوچ جو دامن نه ڇڏيندا آهن.

(3) بي ڌيانيءَ کان بچڻ جي ڪوشش ڪريو ۽ پنهنجي مضمون تي ڌيان ڏيو:

ڪلاس ۾ ليڪچر وقت جڏهن به توهان جو ڌيان منتشر ٿئي ته ان کي زور ڪري به موضوع جي طرف آڻيو. اجاين خيالن کان پاڻ کي بچايو. هميشه موضوع جي باري ۾پنهنجي ذهن کي باعمل رکو. ڪلاس ۾ نوٽس جو لکڻ تمام ضروري آهي. ان لاءِ ته لکڻ خيال کي مرڪوز ڪري

تہ ۽ انهن کي ڇڙوڇڙ ٿيڻ نہ ٿو ڏئي. بي ڏياني کان بچڻ لاءِ ارادي جي پختگيءَ جي ضرورت آهي. پختو ارادو ئي توهان جو بهترين دوست آهي.

(4) اهم نُڪتن جي باري ۾ نوٽس لکڻ گهرجن:

ڪلاس ۾ ليڪچر دوران نوٽس لکڻ پڙهائي جو اهم حصو آهي پر سوال آهي تہ ڪڏهن ۽ ڪهڙي وقت نوٽس لکڻ گهرجن؟ ان جو فيصلو توهان کي ۽ صرف توهان کي ڪرڻو آهي. اهو ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ نوٽس ڪانسواءِ توهان جي پڙهائي اڌوري آهي. ليڪن نوٽس جو هروقت لکڻ بہ مناسب نہ آهي. ان لاءِ توهان کي هڪ پاليسي مرتب ڪرڻي پوندي. اهڙي پاليسيءَ جي ناهڻ ۾ مدد ڏيڻ لاءِ ڪجهہ نُڪتا هتي بيان ڪجن ٿا.

الف: جڏهن ڪلاس ۾ سوال جواب يا بحث مباحثو ٿيندو هجي ان وقت ٿوري ۾ ٿورا نوٽس لکڻ گهرجن.

جنهن وقت ڪلاس ۾ سوال جواب يا بحث مباحثو ٿيندڙ هجي تہ صرف آخر ۾ ٿيندڙ نتيجن جي باري ۾ نوٽس لکيا وڃن جيڪي تمام مختصر طرح لکيا وڃن. اهڙا نوٽس ڪتاب پڙهڻ وقت توهان لاءِ گهڻا مددگار ثابت ٿيندا. نوٽس هميشہ مختصر لکيا وڃن. ڊگهن ۽ پيچيده نوٽس لکڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي. ٻين جي چيل ڳالهين کي تفصيل سان لکڻ بجاءِ بهتر اهو آهي تہ ڪنهن خاص مسئلي تي ڌيان ڏنو وڃي. ان باري ۾ مختصر طرح پنهنجي ڪاپي ۾ چند نُڪتا لکيا وڃن.

ب: جڏهن ڪلاس ۾ سوال جواب جي بجاءِ ڪنهن موضوع تي ليڪچر (تقرير ) هجي تہ ان جا نوٽس ٿورو تفصيل سان لکڻ گهرجن. نوٽس ڪيتري تفصيل سان لکيا وڃن اهو مدار رکي ٿو ليڪچر جي نوعيت ۽ توهان جي پڙهائي جي طريقي تي. عام اصول اهو هجڻ گهرجي تہ ”نوٽس جيترا مختصر هجن اوترو بهتر“ اصل ۾ نوٽس جو لکڻ ايترو اهم نہ آهي جيترو ليڪچر جو سمجهڻ. ليڪچر جي باري ۾ پنهنجو ذهن صاف رکو ۽ انکي بهتر نموني سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو.

ليڪچر جي جيڪڏهن سٺي نموني تنظيم ٿيل آهي ۽ اهو سٺي طرح سمجهايو ويو آهي تہ اهڙي حالت ۾ نوٽس ليڪچر جي صورت ۾ هجڻ گهرجن. ممڪن آهي تہ توهان جو استاد يا ليڪچرار، ليڪچر جا اهم نُڪتا ٻڌائي ۽ انهن کي سٺي نموني سمجهائي. اهڙي صورت ۾ توهان جا نوٽس ليڪچر جي نموني هجڻ گهرجن. ليڪچر کان هڪدم پوءِ نوٽس جو پڙهڻ تمام ضروري آهي ڇو جو گهڻو وقت ياد رهڻ ممڪن نہ آهي. اجا بہ بهتر اهو ٿيندو تہ توهان نوٽس جي بنياد تي سڄي ليڪچر کي پنهنجي طرز تي لکي وڃو. ائين جيترو جلد ڪيو وڃي اوترو بهتر. ڇو جو گهڻن ڏينهن جي گذرڻ

سان ليڪچر ذهن تان ميسارجي ويندو.

(5) نوٽس کي هر روز پڙهيو وڃي:

جنهن ڏينهن نوٽس لکيا ويا هجن انهيءَ ساڳي ڏينهن تي انهن کي پڙهڻ گهرجي ۽ انهن تي غور ڪرڻ ضروري آهي. نوٽس پڙهڻ وقت اها ڳالهه ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته پڙهڻ سان گڏوگڏ انهن تي نظرثاني ڪئي وڃي. چاڪاڻ ته توهان انهن نوٽس سان ڪٿي متفق ٿيندا هجو ڪٿي نه به ٿيندا هجو. استاد جي ڏنل ليڪچر کي ڌيان ۾ رکندي پنهنجي نوٽس جو هڪ هڪ نُڪتو پڙهو، غور ڪيو ۽ ضرورت وقت استاد کان مدد وٺو. نوٽس توهان لاءِ صرف اُن وقت ڪارائتا ٿيندا جڏهن توهان انهن کي وڏائي لکو ۽ ياد ڪيو.

# X
# ياد ڪرڻ جي باري ۾

جنهن طرح اهو چيو ويندو آهي ته ياد ڪرڻ کان وڌيڪ اها ڳالهه اهم آهي ته پهرين ڪنهن نُڪتي ۽ خيال وغيره کي سمجهيو وڃي. اهڙي طرح ياد ڪرڻ کان سمجهڻ کي اهميت ڏني ويندي آهي يا ائين ڪٿي چئجي ته هي ٻئي ڳالهيون هڪ ٻئي جو بدل تصور ڪيون وينديون آهن. حقيقت ۾ هي نظريو نه فقط غلط آهي پر گمراهه ڪندڙ پڻ. ڪنهن به ڳالهه نظريي يا واقعي کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته اهو ياد هجي يعني ته پڙهندڙ پاڻ پوري حقيقت کان واقف هجي جڏهن ڪجهه ياد نه هوندو ته پوءِ ان کي سمجهي ڪهڙي طرح سگهبو. سمجهڻ لاءِ ياد ڪرڻ اشد ضروري آهي. جڏهن ذهن ئي خالي هوندو ته سمجهي ڇا سگهبو؟ ان ڪري ڪنهن به ڳالهه، سبق يا نظريي کي سمجهڻ کان اڳ ۾ ان جو ياد ڪرڻ ضروري آهي.

عام طرح سان فقط ياد ڪرڻ کي ئي سٺو نه سمجهيو ويندو آهي. اهو انڪري جو ياد ڪرڻ کي عام طرح سان هڪ قسم جو مشيني عمل تصور ڪيو ويندو آهي. جيڪو صرف رٽڻ سان ئي ممڪن ٿي سگهندو آهي. هي خيال پوري طرح درست نه آهي. ياد ڪرڻ جو رٽڻ سان ڪو واسطو نه آهي. ياد ڪرڻ جو مطلب اهو آهي ته توهان حقيقتن کان آگاهه هجو ۽ انهن کي وري وري ذهن ۾ دهرايو وڃي. ان ڪري اهو ذهن نشين هجي ته ڪوبه سبق، نظريو وغيره يادڪرڻ کانسواءِ سمجهڻ مشڪل آهي. يادڪرڻ، سمجهڻ جو پهريون ڏاڪو آهي.

پڙهڻ جي عمل ۾ سوچڻ کي اوليت ڏني وئي آهي. مٿين بابن ۾ پڙهڻ جا جيڪي به طريقا ٻڌايا ويا آهن اهي ياد ڪرڻ جي عمل ۾ پڻ استعمال ڪيا وڃن. حقيقت ۾ اسان ياداشت جو عمل ان وقت ئي بيدار ڪري سگهون ٿا. جڏهن اسان سکڻ (learning) طريقي کان واقف هجون.

هيٺ مختصر طرح ڪجهه قاعدا بيان ڪيا وڃن ٿا جن جي استعمال سان ياد ڪرڻ جي عمل ۾ تيزي پيدا ڪري سگهجي ٿي.

## (1) ٻڌل نظريي يا مواد جي معنيٰ ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو:

جيڪو ڪجهه توهان کي ٻڌايو ويو آهي ان باري ۾ پڪ ڪيو ته اهو توهان چٽي طرح سمجهيو آهي. يعنيٰ اها ڳالهه توهان جي ذهن ۾ درست نموني پهتي آهي. ان تي غور ڪيو ۽ ان کي اڳ ۾ ئي ذهن ۾ سمايل ٻين ڳالهين سان ڳنڍيو. اهڙي طرح پنهنجي ذهن ۾ خيالن ۽ نظرين جو هڪ خوبصورت گلدستو تيارڪيو. ان گلدستي کي هر طرح سان ڏسو ۽ جاچيو. مختلف مثال

ذهن ۾ آڻيو. انهن جو اصولن تي اطلاق ڪيو. ان جي سببن ۽ اثرن تي ڳوڙهي طرح سان سوچيو ۽ جيڪي به ان باري ۾ مشڪلاتون تي سگهن ٿيون انهن جي باري ۾ غور ۽ فڪر ڪريو. انهن سيني ڳالهين جو جيترو به سٺو ميلاپ هوندو اوترو يادگيري وڌيڪ واضح ٿيندي.

## (2) جيڪو مواد ياد ڪرڻو هجي ان کي وري وري ورجايو:

خيالن ۽ نظرين کي هر هر ورجائڻ سان انهن ۾ هڪ قسم جو ڳانڍاپو پيدا ٿئي ٿو. اهو ڳانڍاپو جيترو وڌيڪ مضبوط هوندو اوترو ياد ڪرڻ ۾ آساني ٿيندي.

## (3) ذهن سجاڳ رکو:

جيڪڏهن توهان مواد ياد ڪرڻ چاهيو ٿا ته ان کي هميشه پنهنجي خيال ۾ رکو. ان تي هميشه غور ڪندا رهو. ان مواد جي باري ۾ نوٽس جو لکڻ ۽ پنهنجي هم ڪلاسين سان بحث مباحثو ڪرڻ توهان لاءِ يقيناً ڪارائتو ثابت ٿيندو. ذهني سجاڳي تمام ضروري آهي. صرف لفظن جو پڙهڻ توهان لاءِ فائديمند نه آهي. جڏهن به توهان جو ذهن ڀٽڪي وڃي ته ان کي هڪدم مرڪزي خيال تي مرڪوز ڪيو.

## (4) سکيل ڳالهه يا نظريي جو ورجائڻ ضروري آهي:

ڪوبه شخص تڏهن ئي بهتر سکي سگهندو جڏهن سندس اهو محڪم ارادو هجي ته سکيل علم کي هو ورجائيندو يا استعمال ڪندو رهندو. ياد ڪرڻ جو مقصد صرف طوطي وانگر ٻولڻ نه آهي پر ان جو مستقل طرح سان استعمال ڪرڻ لازمي شرط آهي.

## (5) پڙهندي پڙهندي هرهر ٻيهي رهو ۽ انهن ڳالهين کي ورجايو جيڪي توهان هن وقت تائين پڙهي يا سکي آيا آهيو:

پڙهائي تي صرف ڪيل وقت جو ڪافي ڪجهه حصو پڙهيل ياسکيل ڳالهين کي ورجائڻ تي صرف ڪيو وڃي. جيڪڏهن توهان کي ورجائڻ يا ياد ڪرڻ ۾ ڪاڏکيائي ٿئي ٿي ته وري ڪتاب ڏانهن رجوع ٿيو. ان کي نظر مان ڪڍو. اهڙي طرح پڙهيل ڳالهه کي اوستائين ياد ڪندا ورجائيندا رهو جيستائين توهان جي مڪمل دسترس ۾ نه اچي.

## (6) پنهنجي يادداشت جي صلاحيت ۾ يقين رکو:

ويسر اصل ۾ ان وقت پيدا ٿيندي آهي جڏهن توهان ڪنهن ڳالهه ۾ منجهي پيا هجو. ويسر ۽ مونجهارو تڏهن پيدا ٿيندو آهي جڏهن ماڻهوءَ جو پاڻ ۾ اعتماد نه هوندو آهي. جيڪڏهن توهان کي موضوع ياد آهي ته پوءِ پاڻ ۾ اعتماد رکو ته اهڙي صورت ۾ توهان لاءِ ڪوبه مونجهارو پيدا نه ٿيندو ۽ هر ڳالهه ياد رهندي.

# XI
# امتحان لاءِ رٽڻ جي باري ۾

رٽڻ (CRAMMING) سٺو آهي يا خراب ان تي مدار رکي ٿو تہ توهان ان مان مطلب ڇا ٿا وٺو؟ رٽڻ جو استعمال ڪٿي ٿا ڪرڻ چاهيو؟ جيڪڏهن ان جو مطلب اهو آهي تہ آخري مهل گهڙي ۾ گهڻو مواد ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي. جيڪو هوند سڄي سال دوران ياد ڪري پيو سگهجي تہ اهڙي صورت ۾ رٽڻ يقينن هڪ خراب ۽ بي لاپ عمل آهي. اهڙي وقت ۾ رٽڻ مضمون جي باري ۾ مونجهارو پيدا ڪندو پوءِ چاهي توهان ننڍا ننڍا ٽڪرا ئي ڇو نہ ياد ڪيا هجن. انهيءَ ڳالهہ جو قوي امڪان آهي تہ عين وقت تي اُهي وسري وڃن. روزمره جي جيڪا محنت ڪئي وڃي ٿي ان جو بدل يقينن ٿي نٿو سگهي.

رٽڻ مان جيڪڏهن اوهان جي اها مراد آهي تہ اسان ڪنهن خاص عرصي اندرڪيل ڪم تي نظرثاني ڪيون ۽ انکي ورجائي پنهنجي ذهن ۾ محفوظ ڪيون تہ جيئن ان کي آساني سان ڀرپور انداز ۾ استعمال ڪري سگهون. اهڙي صورت ۾ رٽڻ هڪ تمام سٺي ڳالهہ آهي. توهان پنهنجو ذهن هر دم تازو ان وقت رکي سگهو ٿا جڏهن ڪنهن مضمون جي مختلف موضوعن تي وقت بہ وقت نظرثاني ڪندا رهو. جيڪڏهن توهان وٽ ڪلاس ۾ ورتل نوٽس موجود آهن تہ انهن کي ڏسڻ مناسب آهي. جيڪڏهن توهان جا نوٽس مڪمل نہ آهن تہ اهڙي صورت ۾ ڪتاب کي هر هر پڙهڻ ۾ ڪو حرج نہ آهي. هر اهم موضوع تي غور ڪيو ۽ جيڪڏهن ضرورت محسوس ٿئي تہ ڪتاب ڏانهن رجوع ڪيو.

هن سلسلي ۾ ہہ قاعدا هيٺ ڏجن ٿا.

(1) اهم نڪتن کي خيال ۾ رکو . موضوع جو عام خاڪو ذهن ۾ محفوظ ڪيو ۽ ڇڙوڇڙ ڳالهين جي ياد ڪرڻ کان پاسو ڪيو.

موضوع جي تفصيلن کي اهڙي طرح منظم ڪيو جو اهي بنيادي نُڪتن جي درست طرح وضاحت ڪري سگهن. ڇو جو اهم مقصد آهي بنيادي نُڪتن جو سمجهڻ ۽ ياد ڪرڻ. جيڪڏهن ائين ڪيو تہ اسان کي مناسب مثال ۽ انهن جي باري ۾ حقيقتون واضح طرح سمجهہ ۾ ايندي‌ون.

(2) سبق کي يا ان جي اهم نُڪتن جي ورجائڻ ۽ ياد ڪرڻ لاءِ ڪافي وقت صرف ڪيو وڃي. ٿوري وقت ۾ ياد ڪرڻ کان پاسو ڪيو وڃي.

پنهنجي ڪورس کي امتحان کان ڪافي عرصو اڳ ۾ يعني هڪ به هفتا پهرين ورجائڻ گهرجي. عين وقت تي سڄي ڪورس کي ورجائڻ ۽ ياد ڪرڻ نه گهرجي. امتحان جي تياري لاءِ ڪي اهم نُڪتا جيڪي مفيد ٿي سگهن ٿا. انهن جو مختصر بيان ڏجي ٿو.

الف: پنهنجي استاد کان امتحان جي نوعيت ۽ وسعت جي باري ۾ معلومات حاصل ڪيو. ائين ڪرڻ سان توهانکي اهڙو مواد ملي ويندو جنهن تي وڌيڪ توجهه ڏيڻ سان توهان جو مسئلو حل ٿي ويندو. يعني امتحان جي لاءِ مڪمل طرح سان تياري ٿي سگهي ٿي.

ب: انهن سوالن جو خاڪو پنهنجي ذهن ۾ تيار ڪيو. جنهن جي باري ۾ توهانکي اميد هجي ته اهي امتحان ۾ اچي سگهن ٿا. اهڙن سوالن جي جواب لاءِ رٽا تيار ڪيو:

توهان جي استاد پڙهائڻ دوران ڪهڙن سوالن تي وڌيڪ ڌيان ڏنو هو. گذريل امتحان ۾ ڪهڙا سوال آيا هئا؟ توري دير لاءِ سوچيو ته جيڪڏهن توهان ممتحن (Examiner)هجو ته اهڙي صورت ۾ ڪهڙي قسم جا سوال پڇو. توهان جا هم ڪلاسي ڪهڙي قسم جي سوالن جي توقع رکن ٿا؟

ج:جڏهن امتحان جووقت ويجهو اچي ٿو ته اهڙي وقت پوري طرح آرام سان ڪجهه ڪرڻ گهرجي. مطمئن رهو. پاڻ ۾ اعتمادرکو.

توهان هن مهل تائين (امتحان شروع ٿيڻ تائين ) جيترو ۽ جيڪو به ڪم ڪيو آهي ان ۾ اعتماد رکو. پنهنجي ذهني قوت (عقل ۽ سمجهه ) تي يقين رکو. اها وقت تي توهان جو ساٿ ڏيندي. اهو به يقين ڪيو ته ممتحن هر پيري ڏکيا سوال نه ڏيندو. ڇو جو آخر هو به انسان آهي. انڪري ڪنهن خوف ۽ ڊپ جي ضرورت نه آهي.

د: پيپر ۾ ڏنل سيني سوالن کي چڱي طرح سان پڙهو ۽ هر هڪ سوال کي سمجهڻ لاءِ ان تي ٿڌي دماغ سان غورڪيو. اها ته هرهڪ کي خبر آهي ته هڪ سوال جو ٻي سوال سان ربط ۽ تعلق هوندو آهي. انڪري هڪ سوال جو سمجهڻ ٻئي سوال جي حل ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو آهي. ڪنهن هڪ سوال کي حل ڪرائڻ لاءِ ڪيترو وقت ڏيڻ گهرجي. اها ڳالهه به سڄي پيپر جي پڙهڻ بعد ممڪن ٿي سگهندي. اهڙي طرح سڄي پيپر حل ڪرڻ لاءِ هڪ رٽا تيار ڪيو. ان رٽا جو هجڻ به ايترو ئي اهم آهي جيترو ڪنهن به سوال جو حل ڪرڻ.

هه: سوال کي حل ڪرڻ کان پهرين ان کي تمام توجهه سان پڙهو؟

ڪنهن به سوال جي جواب لکڻ کان اڳ ۾ ضروري آهي ته اُن جا اهم ۽ بنيادي نُڪتا ذهن ۾ هجن. انڪري سوال جو جواب آخري طرح لکڻ کان اڳ۾ان تي غور ڪرڻ تمام ضروري آهي.

و: هر هڪ سوال جو خاڪو (ذهني طرح يا لکت ۾ )ٺاهيو.

اهڙي قسم جو خاڪو توهان کي سوال جي صحيح جواب ڏيڻ ۾ مدد ڏيندو. رٿابنديءَ خاڪي جي مطابق ڏنل جواب ممتحن کي اهو سوچڻ تي مجبور ڪندو ته توهان کي مضمون تي اختيار حاصل آهي.

ز: ايترو وقت توهان وٽ باقي هجڻ گهرجي ته جيئن پيپر حل ڪرڻ ڪانپوءِ ان کي هڪ دفعو نظر مان ڪڍي وڃو. ائين ڪرڻ سان توهان کي اهو فائدو رسندو جو توهان جوابن ۾ ٿيل غلطين کي درست ڪري سگهندؤ. جتي پنهنجو مطلب واضح نه ڪري سگهيا هجو ان جي اصلاح ڪري سگهندؤ، جتي خيال جي ڪا گهٽتائي نظر اچي ته ان کي دور ڪري سگهندو.

# XII
# حاصل ڪيل علم جو استعمال

اسان هن باب ۾ صرف هڪ ڳالهه جو ذڪر ڪنداسين جيڪا اسان جي خيال ۾ پڙهائي جي سلسلي ۾ سيني قاعدن ڪان وڌيڪ اهم ۽ مؤثر آهي اها هي آهي ته:

**”چستي ۽ شوق سان پڙهو! عملي طور سکو، حاصل ڪيل علم ۽ معلومات کي لکڻ، ڳالهائڻ ۽ سوچ جي وسيلي انهن ڳالهين کي استعمال ڪريو. جيڪي اوهان سکيون آهن.“**

توهان کان جيڪڏهن ڪو پڇي ته توهان ڇو يا ڇا جي لاءِ پڙهي رهيا آهيو؟ ته اهڙي صورت ۾ توهان جو جواب اهو هجڻ گهرجي ته توهان لاءِ هي حاصل ڪيل معلومات ڪارائتي آهي. ۽ اڳتي هلي ڪارائتي ثابت ٿيندي. ٻين لفظن ۾ توهان کي لفظ ”ڪارائتي“ جي وسيع معنيٰ جي خبر آهي ته توهان جو جواب درست هوندو. ڇاڪاڻ ته توهان جيڪي ڪجهه سکي رهيا آهيو اهو يقينن پنهنجي پيشي ۾ ڪاميابيءَ لاءِ استعمال ڪندؤ ۽ ان سان گڏوگڏ پنهنجي سوچ، ڳالهائڻ، تحرير جي وسيلي پنهنجا (۽ ڪيترين حالتن ۾ ٻين جا به) مسئلا حل ڪري سگهندو. ان ڪانسواءِ زندگيءَ جو هر عمل توهان جي عمل جي تابع ٿي پوندو. انسان پنهنجي علم ۽ معلومات تڏهن استعمال ڪندو آهي. جڏهن هن کي زندگيءَ جا نوان نوان مسئلا درپيش ايندا آهن ۽ حل ڪرڻا پوندا آهن. يا هو ڪي نوان نتيجا حاصل ڪرڻ چاهيندو آهي. توهان پنهنجو علم تڏهن استعمال ڪري سگهو ٿا جڏهن توهان چاهيو ته پنهنجن عزيزن يا دوستن کي نئين حاصل ڪيل معلومات کان مستفيض ڪيو وڃي يا ڪين مشورا ڏنا وڃن. ڪنهن موضوع تي لکڻ وقت به توهان پنهنجي علم جو استعمال ڪري سگهو ٿا. مثال طور ڪا رٿا ناهڻ يا ڪي سماجي ۽ سياسي معاملا حل ڪرڻ وغيره اهڙي طرح زندگيءَ جي هر عمل ۾ علم جو استعمال اٽتر آهي. ان لاءِ علم جي پرائڻ ۾ وڏو ۾ وڏو فائدو هي آهي ته علم پرائڻ سان انسان پنهنجي خيال ۽ عمل جي ڪارڪردگيءَ ۾ بهتري ۽ اضافو آڻي ٿو سگهي.

علم حاصل ڪري رکي ڇڏڻ توهان جو مقصد نه آهي ۽ نه ئي وري علم ڪا اهڙي شيءِ آهي جو توهان انکي گڏ ڪري رکي ڇڏيو. علم ته نالو آهي سوچ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جو. ڪتاب

مان حاصل ڪيل خاص معلومات توهان لاءِ هڪ قسم جو ذهني هٿيار آهي جنهن جي ذريعي ٻي حاصل ڪيل معلومات کي ترتيب ڏئي منجهس هڪ قسم جو ربط پيدا ڪيو.

مشهور اديب ۽ ڊراما نويس جارج برنارڊشا هڪ هنڌ لکيو آهي ته ”جيڪڏهن توهان ڪنهن کي پڙهايو ته يقين ڄاڻو ته هو ڪجهه به سکي نه سگهندو“ ان جو مطلب آهي ته ”سکبو آهي ڪرڻ سان“ انڪري سکڻ هڪ متحرڪ عمل آهي ته اسان انهي جو پاڻ ۾ رد عمل پيدا ڪيون. انهي جو عام زندگي ۾ استعمال ڪيون. انهي سان پنهنجن پراڻن خيالن جي ڏي وٺ ڪيون. ساڻن ڳالهايون. انهي جي باري ۾ لکون ۽ جيترو به ٿي سگهي انهي تي عمل ڪيون اسان هاڻي انهن نُڪتن جو بيان ڪنداسين جيڪي متي ڏنل قاعدي تحت اچن ٿا.

(1) اهڙا مثال ۽ واقعا سوچجن جيڪي حاصل ڪيل معلومات سان ٺهڪندڙ هجن.

توهان جيڪي ڳالهيون ۽ خيال پڙهيا آهن. اهي ان وقت تائين صرف لفظ ئي رهندا. جيسيتائين انهن جي بي جان جسم ۾ روح نه پوي. انهن جو روح آهي مناسب ٺهڪندڙ ۽ جامع مثال جيسيتائين مناسب مثالن جو استعمال نه ڪيو ويندو ان وقت تائين حاصل ڪيل علم اڌورو ۽ بي اثر رهندو.

(2) نئين حاصل ڪيل معلومات کي اڳ ۾ حاصل ڪيل علم سان ڀيٽيو. انهن جي رد يا مخالفت ۾ ڏنل دليلن کي توريو تڪيو. نئين حاصل ڪيل علم جي روشنيءَ ۾ پراڻن اخذ ڪيل نتيجن تي ٻيهر نظرثاني ڪريو.

ڪنهن به خيال کي قبول يا رد ان وقت تائين نه ڪري سگهجي. جيسيتائين انهيءَ کي پنهنجي سوچ جو حصو نه بنايو وڃي. انهن کي نوان رنگ ڏئي پنهنجي ٻين خيالن سان وابسته نه ڪيو وڃي. اهڙي طرح توهان جو علم هڪ بهتر صورت اختيار ڪندؤ ۽ جڏهن توهان پنهنجي علم جو استعمال ڪيو ٿا ته اهو توهان جي خيال آرائي ۾ گهڻو مددگار ثابت ٿئي ٿو.

(3) حقيقتن جو تجزيو ڪرڻ وقت پنهنجي علم جو ڀرپور استعمال ڪيو ۽ پنهنجي مستقبل بينيءَ کي تيز ڪيو.

متين حقيقتن جي تلاش ۾ رهو ۽ ڪڏهن ڪڏهن انهن جو اڳ ۾ معلوم ڪيل حقيقتن سان اطلاق ڪيو. اهڙي طرح پيدا ڪيل ربط جي وسيلي پنهنجي علم جي اوسر ڪندا رهو. جيڪي حقيقتون ڄاڻو ٿا انهن جي سڀني ۽ ممڪن نتيجن تي غور ڪيو. جيڪڏهن توهان اهڙيءَ طرح مستقبل بينيءَ جي عادت اختيار ڪندؤ ته اها توهان جي علم کي ڪارائتو ڪرڻ ۽ با عمل ڪرڻ ۾ تمام گهڻي ڪارآمد ثابت ٿيندي.

(4) پنهنجن خيالن کي ڪاغذ تي تحرير جو روپ ڏيو. خاڪا ۽ ڊائگرام ٺاهيو ۽ موضوع جي باري ۾ مضمون لکو

توهان جيڪي ڪجهه پڙهيو ۽ سکيو آهي ان کي تحريري صورت ڏيو. ڪنهن سچ چيو آهي ته لکڻ علم کي مڪمل ڪندو آهي. ان ڪري لکڻ جو استعمال علم جي حصول لاءِ تمام ضروري آهي. لکڻ جي مدد سان ئي علم سان گڏوگڏ پنهنجي شخصيت جي به تڪميل ٿئي ٿي.

(5) جيئن ئي موقعو ملي ته پنهنجي مضمون متعلق اظهار خيال ضرور ڪيو. ڪلاس ۾ ٿيندڙ بحث ۾ حصو وٺو. پنهنجي هم ڪلاسي، استادن ، دوستن ۽ گهر جي ڀاتين سان مضمون جي باري ۾ اظهار خيال ڪيو.

ڳالهائڻ هڪ اهڙو عمل آهي جنهن جي ذريعي اڪثر ڪري پنهنجي خيالن کي درست ڪرڻ ۾ مدد ملندي آهي. جيئن پڙهڻ لاءِ چيو ويو آهي ته اهو سکڻ جو بهترين وسيلو آهي. تيئن توهان هڪ اهڙو شخص ڳوليو جيڪو توهان جي ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيارهجي. جنهن کي توهان اهو سمجهائي سگهو جيڪو توهان سکي يا پڙهي رهيا آهيو. اهو ئي توهان لاءِ سکڻ يا ياد ڪرڻ جو بهترين ذريعو ثابت ٿي سگهي ٿو.

(6) علم جو استعمال ڪيو. سکيل اصولن کي عمل ۾ آڻيو.

”ڪيئن پڙهجي“ جي ڄاڻ هجڻ ايستائين بيڪار آهي جيستائين ان جو استعمال نٿو ڪيو وڃي؟ خود ڪوشش ڪري اهڙا اهڙا طريقا استعمال نٿا ڪيا وڃن جيڪي پڙهائي ۾ مددگار ثابت ٿين تيستائين هن ڪتاب مان پڙهيل مواد توهان لاءِ بيڪار آهي. اهڙيون ڪيتريون ڳالهيون آهن جيڪي توهان اسڪول يا ڪاليج ۾ سکو ٿا جن جو اظهار ڪرڻ بهرحال ضروري آهي. مثلاً ٻولي جي درست ڳالهائڻ، پڙهڻ يا لکڻ جي قاعدن ۽ قانون، سائنسي تحقيق ۽ نفسياتي نُڪتن جن جي مدد سان جذبات تي قابو ڪري سگهجي ٿو. جيڪو ڪجهه به سکو يا پڙهو ان تي جيترو عمل ڪري سگهو اوترو بهتر.

# XIII
# بهتر ۽ اثرائتي پڙهائيءَ جي اصولن جو تت

متين بابن ۾ جيڪي اهم اصول ۽ قاعدا بيان ڪيا ويا آهن انهن کي مختصر طور وري ٻڌايو وڃي ٿو. هر نُڪتي تي ٿورو ٻيهر ۽ ان متعلق سوچيو؟ پاڻ کان سوال پڇو ته”ڇا مان هن تحرير تي عمل ڪري رهيو آهيان؟“ جڏهن جڏهن ان نُڪتي تي پهچو جنهن تي توهان عمل نه ڪيو هجي ان کي خاص طرح نوٽ ڪيو ۽ ان جو تفصيل لکو. سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي ته قاعدا ۽ قانون تڏهن ڪارآمد ثابت ٿيندا جڏهن توهان انهن تي وقت بوقت عمل ڪندا رهندؤ. اها ڳالهه يادرکڻ گهرجي ته سٺي پڙهائيءَ جي عادت اختيار ڪرڻ ۾ خاصو وقت صرف ٿئي ٿو. ان ڪري بهتر نتيجا حاصل ڪرڻ لاءِ صبر جي سخت ضرورت آهي.

قاعدن جو مختصر بيان هيٺ ڏجي ٿو.

(1) پڙهائي تي عبور حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته پڙهائي جي باري ۾ شديد خواهش ۽ ارادي جي پختگي جو هجڻ نهايت اهم آهي. پنهنجي فرض۽ ذميدارين جو احساس پيدا ڪيو. ڪم ڪرڻ يا نه ڪرڻ جي صورت ۾ خراب نتيجن جي ڀوڳڻ ۽ سٺن نتيجن جي حاصل ٿيڻ لاءِ هميشه تيار رهو. اهو ايمان رکو ته محنت ۽ سٺن ڪمن جو بهرحال ڦل چڱو ملندو ۽ ضرور ملندو.

(2) پنهنجن ارادن کي عملي شڪل ڏيو.

هن سلسلي ۾ هيٺ ٻڌايل قاعدا توهان لاءِ مددگار ثابت ٿيندا.

الف: جيڪو ڪم توهان جي سپرد ڪيو ويو آهي ان باري ۾ پوري طرح سوچيو ته ان ۾ ناڪاميابي جي صورت ۾ خراب نتيجا نڪري سگهن ٿا ۽ ڪاميابي جي صورت ۾ ڪهڙو اثر ٿيندو؟

ب: سڀنهنجي مهم يا ڪم کي يقيني بنايو ۽ ان باري ۾ توهان جي ذهن ۾ ڪوبه مونجهارو هجڻ نه گهرجي.

ج: هاڻي پاڻ کي ڪم لاءِ تيار ڪيو ۽ ڪم ۾ لڳي وڃو.

د: پنهنجي مضمون تي پورو ڌيان ڏيو. اجاين خيالن کان پاسو ڪيو. خبردار رهو ۽ پنهنجي ذهن کي ڀٽڪڻ نه ڏيو. جيئن ئي ٿوري بي ڌياني ٿئي ته اهڙي موقعي تي زور ڪري به پنهنجي ڌيان کي مضمون طرف آڻيو.

هه: هر ذاتي مسئلي کي همت سان منهن ڏيو. اجائي ڳڻتي يا گهبرائڻ جي بلڪل ضرورت نه آهي. حاضر دماغي اهڙي موقعي لاءِ اشد ضروري آهي هڏڏوڪي دوست يا عزيز سان مشوري

ڪرڻ ۾ ڪا بہ خرابي نہ آهي. سندس سني صلاح تي عمل ڪرڻ سان بهتر نتيجن جي قوي اميد آهي. پاڻ کي ڪوڙو پروسو ڏيڻ نہ گهرجي. اهڙين ڳالهين کان پاسو ڪرڻ ۾ ئي توهان جي بهتري آهي.

(3) پنهنجي ڪورس جي مضمونن ۾ گهري دلچسپي پيدا ڪيو.

انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ

الف: پنهنجي مضمون جي باري ۾ وڌ ۾ وڌ معلومات حاصل ڪيو.

ب: اهڙي حاصل ڪيل معلومات کي پنهنجي اڳ۾ حاصل ڪيل معلومات سان ڳنڍيو.

ج: انهي نئين حاصل ڪيل معلومات کي پنهنجي روح ۾ پيهي ڇڏيو.

د: پنهنجي مضمون جي باري ۾ سنو ۽ سهڻو خيال رکو. نئين حاصل ڪيل علم ۽ معلومات کي استعمال ۾ آڻيو.

(4) اهڙين ڳالهين کان پاسو ڪريو جيڪي توهان جي پڙهائي ۾ رخني جو سبب هجن. تيز روشني، گوڙ، ذهني پريشاني، لوچ ۽ گهٽي آرام کان پاڻ کي بچايو ۽ محفوظ رکو.

(5) روز انہ پڙهائي لاءِ پروگرام ۽ وقت مقرر نہ ڪري ڇڏيو.

پڙهائي لاءِ رٿابندي کان ڪم ونو. ائين ڪرڻ انتهائي ضروري آهي. ڪنهن خاص جاءِ ۽ وقت تي پڙهڻ جي پاڻ ۾ عادت وجهو.

(6) پڙهڻ جا ڪارائتا طريقا اختيار ڪيو

الف: ڪتاب پڙهڻ کان اڳ ۾ موضوع متعلق غوروفڪر ڪيو. پنهجي ذهن کي آماده ڪيو. اڳين ڏينهن تي ورتل نوٽس کي نظرمان ڪڍو.

ب: ڪتاب کي پڙهڻ کان اڳ۾ ان جي واقفيت هجڻ ضروري آهي. انهيءَ مقصد لاءِ ڪتاب جو مهاڳ ۽ بابن جي فهرست وغيره پڙهي وجي.

ج: پنهنجي ڪم يعني ڪن بابن تي جلدي جلدي هڪ نظر وجهو تہ جيئن ان جو سڄو نقشو توهان جي دماغ ۾ ويهي وجي.

(7) تڪو ۽ جلد پڙهڻ سڪو

ان لاءِ ضروري آهي تہ:

(1) پاڻ کي جبر ۽ سختي ڪري پڙهڻ ۽ ان جي رفتار وڌائڻ لاءِ مجبور ڪيو وجي.

(2) رڳو لفظ نہ پر جملا ۽ فقرا پڙهيا وڃن

(3) مضمون کي خيال سان پڙهو. جملن جي خالص حصن کي پڙهڻ ضروري آهي. سيني تڪرن کي پڙهڻ جي ضرورت نہ آهي.

پنهنجي ڏنل ڪم کي هڪ دفعو وري پڙهڻ گهرجي ۽ ان لاءِ ضروري آهي ته ان کي آهستي تفصيل ۽ خيال سان پڙهيو وڃي. ان سلسلي ۾ ڪجهه قاعدن جو بيان هيٺ ڏجي ٿو.

الف: پڙهڻ وقت رٿا ۽ مقصد کي پنهنجي ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي.

ب: هر ٽڪري پڙهڻ کانپوءِ ڪجهه گهڙيون ترسڻ ضروري آهي ته جيئن ان تي غور ڪري سگهجي. ان باري ۾ ڏنل اهم ڳالهين تي ويچار ڪيو. ٽڪري ۾ ڏنل اهم نُڪتي تي هر طرح سان غور ڪيو ۽ اهو يقين ڪرڻ ضروري آهي ته پيراگراف ۾ بيان ڪيل نُڪتو اوهان جي ذهن ۾ سمائجي ويو آهي. پيراگراف ۾ آيل ڏکين اکرن جي معنيٰ ياد ڪيو ۽ انهن ڏکين لفظن جي استعمال کان واقف ٿيو.

ج: ڏکين ۽ اهم جملن کي تمام آهستي ۽ ڌيان سان پڙهو. غير اهم ڳالهين کي جلدي جلدي پڙهي وڃو.

د: ڪتاب ۾ ڏنل ڳالهين تي اکيون بند ڪري يقين نه ڪريو ليڪن انهن تي تنقيدي نگاهه رکو. ڪتاب کان گهٽو اڳتي سوچيو

هه: سڄي ڪتاب ۾ پڙهيل مواد جي باري ۾ سوچيو يا لکت ۾ مختصر جائزو ناهيو. ڪتاب ڇڏڻ کان اڳ ۾ انهيءَ جائزي کي هڪ دفعو وري پڙهيو وڃي.

مؤثر ۽ سٺي پڙهائيءَ لاءِ ضروري آهي ته پڙهيل مواد کي اهم سوالن ۾ ورهايو ۽ ان کانپوءِ اهي سوال پاڻ کان پڇو ۽ انهن کي حل ڪريو. اهو عمل ان وقت تائين نه ڇڏيو جيسيتائين توهان کي اطمينان نٿو ٿئي وڃي.

و: اهو اطمينان ڪرڻ ضروري آهي ته توهان ڪنهن ”نظريي“ کي چڱي طرح سمجهي ورتو آهي. منجهائيندڙ ۽ بيڪار سوچ کان پاڻ بچايو. بنيادي خيال ۽ نظريا چڱي طرح سمجهو پوءِ چاهي پيو ڪجهه توهان سمجهو يا نه.

(9) ڪلاس ۾ ڪم ڪرڻ جا اثرائتا طريقا اختيار ڪيو.

الف: ڪلاس ۾ استعمال ٿيندڙ پڙهائيءَ جي طريقن جي واقفيت حاصل ڪيو ۽ ان طرح پنهنجي پڙهائي ۾ واڌارو ڪيو.

ب: ڪلاس شروع ٿيڻ کان اڳ ۾ ڪلاس ۾ ٿيل ڪم جي باري ۾ ٿورو ويچار ڪيو ۽ اهڙي طرح پنهنجي ذهن کي ڪلاس لاءِ تيار ڪيو.

ج: ڪلاس ۾ ليڪچر دوران ايندڙ نُڪتن تي غور ڪيو. ليڪچر ۾ جيڪو ڪجهه ٻڌايو پيو وڃي ان کان ٿورو اڳتي سوچيو.

د: زيربحث موضوع تي پنهنجي خيالن کي مرڪوز رکو. خيالن کي پٽڪڻ نہ ڏيو ۽ پاڻ کي خام خيالي کان پري رکو.

ھ: مکيہ نُڪتن جي باري ۾ نوٽس لکندا هلو. اهم ڳالهہ اها آهي تہ خيالن ۽ نظرين کي سمجهندا هلو ۽ ان جا نوٽس وٺندا هلو ۽ ان ۾ پڻ هينئين ڳالهين جو خيال رکيو وڃي.

(1) جڏهن ڪلاس ۾ بحث مباحثو يا سوال جواب ٿيندا هجن تہ ان وقت نوٽس گهٽ لکيا وڃن.

(2) جڏهن تقرير يا ليڪچر هجي تہ ان جو هڪ خاڪو تيار ڪيو وڃي. جنهن ۾ انهن ليڪچرن جون مکيہ ڳالهيون اچي وڃن. يادڪرڻ خاطر نوٽس کي هڪ دفعو ضرور پڙهڻ گهرجي.

(3) ڪلاس کان ٻاهر پڻ هر روز نوٽس جو استعمال ڪيو وڃي هر نُڪتي تي غور و فڪر ڪيو جيڪو توهان جي سمجهہ ۾ نہ ايندو هجي. ان لاءِ پنهنجي استاد يا ڪتاب کان مدد حاصل ڪيو.

(10) ياد ڪرڻ جي صلاحيت کي هيٺ ڏنل طريقن سان اجاگر ڪري سگهجي ٿو خاص طرح:

الف: ڪنهن بہ نظريي جي معنيٰ ياد ڪرڻ جي ڪوشش سان.

ب: جنهن بہ مواد کي ياد ڪرڻو هجي ان کي باربار استعمال ڪرڻ سان.

ج: پاڻ کي هميشہ چست ۽ سجاڳ ذهن رکڻ سان ۽ طوطي وانگر ورجائڻ کان پرهيز ڪرڻ سان.

د: ان ارادي سان تہ مواد کي يادڪرڻو آهي. ان کي وري وري ورجايو.

ھ: پڙهڻ جي دوران هرهر ترسڻ سان ۽ ان وٿيءَ دوران اڳ ۾ پڙهيل مواد کي ورجائڻ ۽ ياد ڪرڻ سان.

و: پنهنجي مضمون جي مواد ۾ ڪو منطقي تعلق نہ جڙندو هجي تہ اهڙي صورت ۾ پاڻ ۾ اهڙو تعلق پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ ۽ انکي ياد ڪرڻ سان.

(11) امتحان لاءِ نظرثاني ڪرڻ لاءِ هينئين نُڪتن تي ڌيان ڏيڻ مفيد آهي

الف: مضمون جي اهم نُڪتن کي وري ڏسڻ گهرجي ۽ سڄي تفصيل ۽ تشريح جي ياد ڪرڻ کان پرهيز ڪئي وڃي.

ب: نظرثاني ڪرڻ جو عمل (جيئن مٿي ٻڌايو ويو آهي ) ڪافي عرصو اڳ ۾ شروع ڪيو وڃي. آخري وقت تي ياد ڪرڻ کان پاسو ڪجي.

ج: پنهنجي استاد کان امتحان ۾ ان ۾ متوقع سوالن جي نوعيت معلوم ڪئي وڃي. شاگرد پاڻ اندازو ڪري ته امتحان ۾ ڪهڙي قسم جا سوال اچي سگهن ٿا.

(12) آخر ۾ امتحان ڏيڻ جي باري ۾ هيٺ ڏنل نُڪتن کي ڌيان ۾ رکيو وڃي ته بهتر ٿيندو.

الف: پوري طرح آرام ڪيو. پاڻ ۾ اعتماد رکو ۽ مطمئن رهو. پنهنجي صلاحيت تي ڀروسو ڪريو.

ب: امتحان ۾ آيل سوالن کي پوري طرح پڙهو ۽ هر سوال تي ڌار ڌار غور ڪيو ۽ اهڙي طرح هر هڪ سوال کي ممڪن حد تائين سمجهڻ جي ڪوشش ڪيو.

ج: هرسوال جي جواب جو ذهني يا عبارتي خاڪو تيار ڪيو جواب کي خوبصورت انداز ۾ بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪيو.

د: پيپر حل ڪرڻ کان پوءِ جيڪڏهن توهان وٽ وقت آهي ته جوابي ڪاپيءَ کي هڪ دفعو وري پڙهي وڃو ۽ جيڪڏهن ڪي تبديليون ضروري هجن ته اهي ڪري ڇڏيو.

(13) مطالعو شوق سان ڪيو

جيڪي ڳالهيون، نظريا ۽ واقعا توهان پڙهيا آهن. انهن جو سوچ، گفتگو ۽ لکڻ جي ذريعي ڀرپور استعمال ڪيو. پنهنجي علم کي جيترو گهڻو ۽ تڪڙو استعمال ڪندؤ اوترا بهتر نتيجا حاصل ڪري سگهندو.

# پورو ٿيو

سنڌيڪار جو تعارف

| | |
|---|---|
| نالو: | زاهد علي مگسي |
| ولديت: | مولوي عبدالرحيم مگسي |
| جاءِ پيدائش : | ڪنير پاڙو دادو شهر |
| تاريخ پيدائش: | چوٿين اپريل 1942ع |
| دي: | اسلام |

شهادت: 1998ع
پرائمري تعليم: پرائمري تعليم مين اسڪول (سنڌي ) دادو
سيڪنڊري تعليم: گورنمينٽ هاءِاسڪول دادو چوٿين انگريزي تائين يونيورسٽي تعليم:
ايم ڪام سنڌ يونيورسٽي اولڊڪيمپس حيدرآباد.
وڪالت جي تعليم : حيدرآباد لا ڪاليج حيدرآباد.
نوڪري: اگسٽ 1962ع کان1969ع جي اڌ تائين ڊپٽي ڊائريڪٽر آف انڊسٽريز جي آفيس ۾ ڪلارڪ.
پهرين ڊسمبر 1969ع کان شهادت تائين(1998ع )سنڌ مسلم آرٽس ڪامرس ڪاليج ۾ ليڪچرر ۽ پروفيسر.
تحريرون:
(1) علم اقتصاديات جا اصول يارهين ٻارهين ڪلاس لاءِ (اڻ ڇپيل ).
(2) پڙهائي ڪيئن ڪجي؟ (ترجمو ڇپيل ).
(3) ڪلاچي جي ڪُن کان ڪراچي تائين (ترجمو ڇپيل ).
(4) تهذيبن جو ٽڪراءُ يوج اوير (ترجمو ڇپيل ).
(5) مسلمانن جي تباهي جا ڪارڻ ترجمو (يارنهن قسطون اڻ ڇپيل ).
(6) سنڪيانگ چين جي صوبي سڪيانگ جو تاريخي جائزو ترجمو (اڻ ڇپيل )
(7)برطانيه ۾ پورهيتن جي حالت مشهور سوشلسٽ ايگلسر جي ڪتاب condition of working class in England جو ترجمو (اڻ ڇپيل ).
(8) خيالي جنت UTOPIA ترجمو.
(9) سنڌ ۾ سنڌي تعليم جي تباهيءَ جا ڪارڻ.
(10) شاهه جي رسالي جي ڏسٽي ۽ ٻيا ڪتاب.

## سماجي سرگرميون:

(1) سنڌ ڪاليج ٽيچرس ايسوسئيشن جو ميمبر.
(2) سگا جو ميمبر.
(3) سنڌ يونيورسٽي ڪامرس گريجوئيٽس ايسوسئيشن جي مرڪزي ڪاميٽي جو ميمبر.
(4) ڪامرس ٽيچرس ايسوسئيشن جي مرڪزي انتظامي ڪاميٽي جوعهديدار.
(5) مهراڻ تعليمي فائونڊيشن جي مرڪزي انتظامي ڪاميٽي جوعهديدار.